Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8

www.dailysindhyar.com

ڪراچي

جلد :12 | اربع 29 نومبر 2023ع بمطابق 14 جمادي الاول 1445ھ | شمارو:49 | قيمت10 روپيا

انهن ججز خلاف بہ کارروائي ٿيڻ گهرجي جن فوجي آمرن جو ساٿ ڏنو: جسٽس اطهر من الله

اڳوڻي فوجي صدر پرويز مشرف آئين ٽوڙيو، اسيمبليون ٽوڙيون ۽ 12 آڪٽوبر جي قدم کي هن ئي عدالت رستو ڏنو، مشرف جي مارشل لا کي قانوني چونڊ ججن جو بہ ٽرائل ٿيڻ گهرجي

کارروائي رڳو 3 نومبر 2007 جي قدم تي ڇو ڪئي وئي؟ 3 نومبر تي رڳو ججن کي گهرن ۾ نظربند ڪرڻ تي کارروائي ٿيندي تہ پوءِ سوال اٿندا

اهو ڇيو ويندو تہ ڇا ججن تي حملو اسيمبليون ٽوڙڻ ۽ آئين معطل ڪرڻ کان وڌيڪ سنگين معاملو هو؟ اسان کي سچ ڳالهائڻ گهرجي، ڪنهن فيصلي کي ختم ٿيڻو آهي تہ ان کي ٿيڻ گهرجي جنهن مارشل لا کي رستو ڏنو

ملڪي تاريخ آهي تہ طاقتور خلاف ڪير بہ نہ ٿو ڳالهائي ۽ ڪمزور ٿيڻ تي عاصمہ جيلاني راڙو فيصلو اچي وڃي ٿو، وڪيل اچي ٻڌائين تہ آمرن جي حمايت ڪندڙ ججن جون تصويرون هتي ڇو لڳل آهن

رڳو هتي ويٺل جج ئي نشاندهي ڇو ڪن، ميڊيا بہ ذميوار آهي ان جو بہ احتساب ٿيڻ گهرجي، ٻڌايو نہ ڪيترا صحافي مارشل لا جا حامي ۽ ڪيترا مخالف هئا؟

اڳوڻي فوجي صدر کي سزا بہ برقرار رهي ۽ سندس گهر ڀاتين کي پينشن بہ ملندي رهي ائين نہ ٿيندو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) جسٽس اطهر من الله سپريم ڪورٽ ۾ پرويز مشرف جي موت جي سزا خلاف اپيل تي ٻڌڻي دوران رمارڪس ڏنا تہ انهن ججز خلاف بہ ڪارروائي ٿيڻ گهرجي جن فوجي آمرن جو ساٿ ڏنو هن چيو تہ اڳوڻي فوجي صدر پرويز مشرف آئين ٽوڙيو، اسيمبليون ٽوڙيون ۽ 12 اڪٽوبر جي قدم کي هن ئي عدالت رستو ڏنو مشرف جي مارشل لا کي قانوني چونڊ ججن جو بہ ٽرائل ٿيڻ گهرجي، جسٽس اطهر من الله چيو تہ ڪارروائي رڳو 3 نومبر 2007 جي قدم تي چو ڪئي وئي؟ 3 نومبر تي رڳو ججن کي گهرن ۾ نظربند ڪرڻ تي ڪارروائي ٿيندي تہ پوءِ سوال اٿندا، اهو چيو ويندو تہ ڇا ججن تي حملو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

يرغمالين جي آزاديءَ لاءِ دباءُ جاري آهي: بائيڈن

غزه ۾ جنگ بند ڪرڻ ۽ يرغمالين جي آزادي لاءِ مسلسل دباءُ وڌو پيو وڃي

غزه ۾ امداد جي فراهمي لاءِ مسلسل دباءُ وڌو پيو وڃي

معاهدي جي هر پهلو تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ رابطي ۾ آهي

واشنگٽن (م) آمريڪي صدر جو بائيڈن جو چوڻ آهي تہ غزه ۾ جنگ بند ڪرڻ ۽ يرغمالين جي آزادي لاءِ مسلسل دباءُ وڌو پيو وڃي، جو بائيڈن پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: ميئر ايڊوڪيٽ مرتضيٰ وهاب ايڪسپو سينٽر ۾ فائر اينڊ سيفٽي ايشيا انٽرنيشنل ٽريڊ نمائش جو افتتاح تقريب ڪي خطاب ڪري رهيو آهي

حارث نواز پاران سڪ برادري ڪي گرونانڪ ديو جي 554 هين جنم ڏهاڙي تي مبارڪباد

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ جي نگران گهرو ۽ جيل واري وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز سڪ برادري کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي چونڊن ۾ چيئرمين جي عهدي لاءِ بئرسٽر گوهر کي نامزد ڪرڻ جا امڪان

پارٽي جي نئين چيئرمين بابت فيصلو جمعي تي ٿيندو : بئرسٽر گوهر

اجا تائين پي ٽي آءِ چيئرمين جي حوالي سان حتمي فيصلو نہ ٿيو آهي

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي چونڊن ۾ چيئرمين جي عهدي لاءِ بئرسٽر گوهر کي نامزد ڪرڻ جا امڪان، ذريعن موجب پي ٽي آءِ چيئرمين جيل مان ڪور ڪميٽي ڏانهن نيا پارٽي آمائيو آهي، بئرسٽر گوهر پاران پاڻ بابت ٽيل فيصلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پاڪستان ۽ يو اي اي وچ ۾ نئين دور جي شروعات، معاهدن تي صحيحون

ٻنهي ملڪن وچ ۾ اربين ڊالرن جي مفاهمتي ياداشتن (ايم او يوز) تي صحيحون ڪيون ويون آهن : نگران وزيراعظم

يو اي اي ۽ پاڪستان وچ ۾ اقتصادي سهڪار جي نئين دور جو آغاز ٿي چڪو آهي

علائقائي استحڪام ۽ اسٽريٽجڪ تعاون بہ پاڪ امارات لاڳاپن ۾ نئين دور جي شروعات آهي

دبئي (م د) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي تہ گذيل عرب امارات (يو اي اي) ۽ پاڪستان وچ ۾ اقتصادي سهڪار جو نئون دور شروع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاهور: چيئرپرسن چائلڊ پروٽيڪشن بيورو ساره نشي جو شڪار ٻارن جي علاج ۾ معاونت جي لاءِ احمد ميان ٽرسٽ اسپتال گوجرانوالہ سان گڏ باهمي مفاهمت تي صحيحون ڪندي

قومي راندين ڪان پئسا وٺندڙ سنڌ پوليس جا 4 اهلڪار گرفتار

سڪرنڊ (رپورٽ) سڪرنڊ پرسان قومي راندين ڪان صهيب مقصود ۽ عامر ياسين ڪان رشوت وٺڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سائفر ڪيس، جيل ٽرائل جو فيصلو ٻڌڻي ڪليل هوندي

ايس پي اڊيالا جيل جي سڪيورٽي رپورٽ سبب ٽرائل جيل ۾ ٿيندي، جنهن جي ڪليل ٻڌڻي ڪئي ويندي : سائفر ڪيس جو فيصلو

اسلام آباد جي جڊيشل ڪامپليڪس ۾ جج ابوالحسنات ذوالقرنين جي عدالت ۾ سڪيورٽي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ ايف آءِ اي جي اسپيشل پراسيڪيوٽر جا وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسپيشل آفيشل سيڪريٽس ايڪٽ ڪورٽ سائفر ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي چيو آهي تہ ايس پي اڊيالا جيل جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اظهبي: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ نوٽ بوڪ تي تاثرا لکي رهيو آهي

پاڻي جو مشهور ماهر اي اين جي عباسي لاڏاڻو ڪري ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سنڌ جو سپوت مسٽر اي اين جي عباسي اڄ اسلام آباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪنٽونمينٽ بورڊ جي سي اي او آڳهاڻ ڪري ڇڏيو

محمد بلاول پاشا ڪيترن ئي ڏينهن کان ڏهني دباءُ جو شڪار هو: ڊي ايس پي ڪينٽ عظمت خان

بلال پاشا جو رترت لاش سندس گهران مليو جتي هن پاڻ کي گولي هنئين

بنون: آڳهاڻ ڪندڙ ڪنٽونمينٽ بورڊ جو سي اي او بلال پاشا

بنون (م د) ڪنٽونمينٽ بورڊ جي سي اي او بلال پاشا آڳهاڻ ڪري ڇڏيو ڊي ايس پي ڪينٽ عظمت خان بنون ڪنٽونمينٽ بورڊ جي سي اي او /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

خان پارٽي چيئرمين شپ تان هٿ کڻي ويو، نئون نالو ڏيڻ جو فيصلو

عمران خان جيل مان پارٽي جي ڪور ڪميٽي کي پيغام پهچايو آهي تہ هو انٽرا پارٽي چونڊن ۾ چيئرمين شپ جو اميدوار نہ هوندو، ذريعن

ٽي آءِ چيئرمين ۽ وائس چيئرمين ۽ تنظيمي عهدن لاءِ چونڊون ٿينديون، چيئرمين پي ٽي آءِ پارٽي جي تنظيمي معاملن ۽ فيصلن جي پاڻ منظوري ڏيندو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جو چيئرمين عمران خان انٽرا پارٽي چونڊن ۾ چيئرمين شپ جو اميدوار نہ هوندو، ذريعن موجب عمران خان جيل مان پارٽي جي ڪور ڪميٽي کي پيغام پهچايو آهي تہ هو انٽرا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير جام مد علي سنڌي تقريب دوران اسٽيج تي ويٺل آهي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ انڊيڪس بلند ترين سطح تي پهچي ويو

ڪراچي (م د) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ انڊيڪس بلند ترين سطح تي پهچي ويو اڳاري ڏينهن پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي هاڪاري شروعات ٿي ۽ انڊيڪس ۾ تيزي ڏٺي وئي، ڪاروبار دوران 100 انڊيڪس تاريخ جي بلند ترين سطح 60 هزار 845 تي پهچي ويو، ڪاروبار جي پڇاڻي 918 پوائنٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

مدئجي پرسان خروس ۽ ناريجا تڪرار تان فائرنگ، نوجوان مارجي ويو

تاجوديرو ٿاڻي جي حد ۾ هلندڙ خروس_ناريجا تڪرار تان ڏرين ۾ جديد هٿيارن سان فائرنگ ٿي

ڏرين ۾ فائرنگ سبب ناريجا ڏرجو هڪ ڇوڪرو رجب ولد هادن ناريجو مارجي ويو

مدئجي (رپورٽر) مدئجي جي ڪچي جي علائقي تاجوديرو ٿاڻي جي حد ۾ هلندڙ خروس_ناريجا تڪرار تان ڏرين ۾ جديد هٿيارن سان فائرنگ ٿي آهي ڏرين ۾ فائرنگ سبب ناريجا ڏرجو هڪ ڇوڪرو رجب ولد هادن ناريجو مارجي ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

لاهور ۾ واپاري سرگرميون رات 10 وڳي بند ڪرڻ جو حڪم

ڪوهيڙي کي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ وڏي وزير جي سيڪريٽري سي سي پي او لاهور کي بہ قدم کڻڻ جون هدايتون ڏني ڇڏيون

جسٽس شاهد ڪريم شهري هارون فاروق سميت ٻين جي درخواستن تي لکت ۾ حڪم جاري ڪيو

هلندڙ هفتي ۾ 2 ڏينهن گهر ۾ ڪم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن نجي ادارن، بينڪن سميت جاري ڪيو وڃي : درخواست جو متن

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ ڪوهيڙي جي تدارڪ جي سلسلي ۾ صوبائي راجڌاني ۾ واپاري سرگرميون رات 10 وڳي بند ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي عدالت حڪم ڏنو تہ سي سي پي او لاهور رات 10 وڳي واپاري سرگرميون بند /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

نااهلي ڪرپشن ۽ ڪم ۾ عدم دلچسپي حيدرآباد شهر کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي: نگران وڏو وزير

مون کي خبر آهي تہ اوهان هر شهري سهولتن ۾ تباهي مچائي ڇڏي آهي، شهر جي صفائي نہ پئي ٿئي ۽ واٽر سپلاءِ جو نظام بہ صحيح نموني سان نہ هلائي رهيو آهي : جسٽس (ر) مقبول باقر

شهر گندگي ۽ ڪچري جي ڍير بڻجي ويو آهي ۽ هر پاسي حددخليون نظر اچي رهيون آهن، سمورا مسئلا برداشت جوڳا نہ آهن ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

واسا وٽ 3000 ڪلوميٽر واٽر سپلاءِ ۽ 3500 ڪلوميٽر سيوريج سسٽم موجود آهي پراداري وٽ سمورو نظام سنبالڻ لاءِ عملي جي ڪرٽ آهي : وڏي وزير کي بريفنگ

واسا ۾ 3000 ملازم آهن ۽ مستقل ۽ عارضي ملازمن جي ٽوٽل پگهار ۽ پينشن 810 ملين روپيا آهي ، 3000 ملازمن مان 25 سيڪڙو اڪثر غير حاضر آهن

فوري طور تي غير حاضر ملازمن کي هٽائي مون کي اطلاع ڪيو وڃي (نگران وڏو وزير) سنڌ حڪومت واسا کي تہ ماهي 244 ملين روپيا فراهم ڪندي آهي : وڏي وزير کي بريفنگ

واسا سميت بلديات جي مختلف ونگز ۾ گهوسٽ ۽ غير حاضر ملازمن جو وڏو مسئلو آهي، ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن کي ڪمپيوٽرائيزڊ ڪيو پيو وڃي تہ جيئن چوري کي روڪي سگهجي: مڪاني ادارن وارو وزير

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي تہ ناااهلي، ڪرپشن ۽ ڪم ۾ عدم دلچسپي حيدرآباد جهڙي خوبصورت شهر کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن (شهري ادارن) کي چتاءُ ڏنو تہ سڀ ورتاءُ ڪن پي صورت ۾ شهرين جي پلاٽي خاطر ڪين سخت ڪارروائي ڪندو، مون کي خبر آهي تہ اوهان هر شهري سهولتن ۾ تباهي مچائي ڇڏي آهي، شهر جي صفائي نہ پئي ٿئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

حيدرآباد: سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر موٽرسائيڪل انسٽيٽيوٽ ڪوصار ۽ بدين بس اسٽاف جو دورو ڪندي

سينيٽر سيف الله ابڙو سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين شپ تان فارغ

ابڙو خلاف بي اعتمادي رٽ سينيٽرز بهرامند خان تنگي، منظور ڪاڪڙ، ثنا جمالي ۽ ٻين جمع ڪرائي

ميمبرز متفق طور تي سينيٽر اعظم نذير تارڙ کي سينيٽ جي توانائي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو چيئرمين چونڊيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سينيٽر سيف الله ابڙو کي سينيٽ توانائي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين شپ تان هٽايو ويو، سيف الله ابڙو خلاف بي اعتمادي رٽ سينيٽرز بهرامند خان تنگي، منظور ڪاڪڙ، ثنا جمالي، حافظ عبدالڪريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

مونس الاهي جي ڪيرجي فيڪٽري تي ڇاپو

ڊپٽي ڪمشنر ايف بي آر عاصم منج جي سربراهيءَ ۾ ڇاپو هنيو ويو

قانوني ٽيم ايف بي آر کي عدالتي حڪم ڏيڪارڻ جو مطالبو ڪيو هو : وڪيل عامر سعيد

لاهور (م د) فيڊرل بورڊ آف ريونيو (ايف بي آر) اڳوڻي وفاقي وزير مونس الاهي جي ڪير جي فيڪٽري تي ڇاپو هڻي رڪارڊ قبضي ۾ وٺي ڇڏيو ڊپٽي ڪمشنر ايف بي آر عاصم منج جي سربراهيءَ ۾ ڇاپا هڻي ٽيم قصور جي فارم مان سمورو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پي ٽي آءِ جو جمعي تي انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائڻ ڪرائڻ جو فيصلو

پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان بنا مقابلي پارٽي چيئرمين رهندو

پارٽي ۾ باقي عهدن تي چونڊون ڪرايون ويونديون : ذريعا

لاهور (م د) تحريڪ انصاف جمعي تي انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائڻ جو فيصلو ڪري ورتو، پي ٽي آءِ ڪور ڪميٽي جي ذريعن جو چوڻ آهي تہ پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاڪستان لاءِ 18 ڪروڙ ڊالر قرض جو اعلان ڪري ڇڏيو

رقم پنجاب جي ٽن شهرن ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ تي خرچ ٿيندي

راولپنڊي ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ بهاولپور ۾ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ سسٽم کي واڌ ڏني ويندي

اسلام آباد (م د) ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاڪستان لاءِ 18 ڪروڙ ڊالر قرض جو اعلان ڪري ڇڏيو منصوبي سان 15 لک ماڻهن کي فائدو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

انٽربئنڪ: ڊالر 285 روپيا 55 پئسا تي ويو

انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت 9 پئسا گهٽتائي سان 285 روپيا 55 پئسا تي وئي

انٽربئنڪ ۾ ڊالر 285 روپيا 64 پئسا تي بند ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪاروبار جي شروعات تي، آمريڪي ڊالر انٽربينڪ تي گهٽجي رهيو آهي، انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت 9 پئسا گهٽتائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نگران قانون ۽ انساني حقن واري وزير عمر سومرو جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد

هيومن رائيٽس ڊائريڪٽوريٽ جي ڪارڪردگي رپورٽ 30 ڏينهن اندر پيش ڪئي وڃي : آفيسرن کي هدايت

ڊپارٽمينٽ جي آفيسرن جي ڪارڪردگيءَ مان مطمئن نہ آهيان، اسان کي ڪم ڏيکاريو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) نگران قانون ۽ انساني حقن واري وزير عمر سومرو جي صدارت هيٺ هيومن رائيٽس ڪميشن سيل ۽ ٽريني امپليمينٽيشن سيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

711 جوابدار گرفتار، 4 ارب کان مٿي ڪرنسي هٿ

ايف آءِ اي جو غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري

هلندڙ سال ڪارروائين دوران 500 ڪيس داخل ڪري 711 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (م د) هنڊي ۽ غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي، مجموعي طور تي 4 ارب 28 ڪروڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ايڊز هر منٽ ۾ هڪ حياتي ڳڙڪائي رهي آهي: گذيل قومون

گذيل 10 سالن ۾ ايڊز سبب فوتگين ۾ وڏي گهٽتائي اچي چڪي آهي

عروج کان پوءِ ايڊز بابت فوتگين ۾ تقريبن 70 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي

نيويارڪ (م د) گذيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انٽونيو گوٽريس چيو آهي تہ گذيل 10 سالن ۾ ايڊز سبب فوتگين ۾ وڏي گهٽتائي اچي چڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پارٽ ۾ ڳڙوءِ وڃ ڪرڻ سبب 24 ڄڻا فوت

اولهندي رياست گجرات ۾ خراب موسم سبب گهرن کي نقصان پهتو ۽ ڍور بہ مري ويا

سياري جي موسم دوران گجرات ۾ طوفان غير معمولي آهن : موسميات ماهر

نئين دهلي (م د) پارٽي رياست گجرات ۾ گذيل 2 ڏينهن ۾ ڳڙو ۽ وڃ ڪرڻ سبب 24 ڄڻا فوت ٿي ويا. برڊيهي خابرو اداري موجب پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: سنڌ جو نگران گهرو ۽ جيل وارو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز کي سڪ برادري تحفا ڏيندي

پيرپور تياري سان اليڪشن ۾ ايندا سين: شهباز شريف

لاهور ۾ مسلم ليگ ن جي صدر شهباز شريف سان پارٽي اڳواڻن ۽ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبرن ملاقات ڪئي

ملاقات ڪندڙن ۾ علي پرويز ملڪ، قاسم نون، مظهر اقبال ۽ سلمان خان بہ شامل هئا، ملاقات ۾ تنظيمي معاملن ۽ چونڊن جي تيارين تي غور ويچار ڪيو ويو

عوام مسلم ليگ ن کي بہ پاڳي تي اڪثريت ڏئي دهشتگرديءَ جهڙي مهانگائي جي ڪمر توڙي ڇڏيندو

لاهور: اڳوڻو وزيراعظم شهباز شريف پارٽي اڳواڻن سان اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ آهي تہ هو پرپور تياري سان اليڪشن وڙهندا، لاهور ۾ مسلم ليگ ن جي صدر شهباز شريف سان پارٽي اڳواڻن ۽ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبرن ملاقات ڪئي ملاقات ڪندڙن ۾ علي پرويز ملڪ، قاسم نون، مظهر اقبال ۽ سلمان خان بہ شامل هئا، ملاقات ۾ تنظيمي معاملن ۽ چونڊن جي تيارين تي غور ويچار ڪيو ويو شهباز شريف چونڊ تيارين تي پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي جوش کي ساراهيو ان موقعي تي ڳالهائيندي شهباز شريف چيو تہ هو الله جي فضل ۽ عوام جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پهرين ڊسمبر کان پيٽرول 7 روپيہ، ڊيزل 6 روپيہ سستو ٿيڻ جو امڪان

عالمي منڊي ۾ قيمتن ۾ لاٿ جي نتيجي ۾ اڳرا طرفان حڪومت کي اماٿيل سمري ۾ پاڪستان ۾ بہ پيٽروليم شيون سستيون ٿيڻ جو امڪان

پيٽرول جي قيمت ۾ 7 روپيہ في ليٽر ۽ ڊيزل جي قيمت ۾ 6 روپيہ في ليٽر لاٿ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو

آئل مارڪيٽنگ ايسوسيئيشن هفتيوار پيٽروليم شين جون قيمتون مقرر ڪرڻ جي سمري کي رد ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پهرين ڊسمبر کان پيٽروليم شين جون قيمتون 7 روپيہ گهٽ ڪرڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. اڳرا قيمتن ۾ هيٺ مٿانهين جي حوالي سان ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي عالمي منڊي ۾ قيمتن ۾ لاٿ جي نتيجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

وزيراعظم، يو اي اي جي ڪامياب دوري بعد ڪويت پهچي ويو

وزيراعظم ڪويت جي ولي عهد شيخ مشعل الجابر الصباح ۽ ڪويت جي وزيراعظم شيخ احمد نواف الاحمد الصباح سان ملاقات ڪندو

فوڊ سيڪيورٽي، توانائي ۽ دفاع جي شعبن ۾ مفاهمت جي مختلف ياداشتن (ايم او يوز) تي پڻ صحيحون ڪندو

وزيراعظم ڪاڪڙ ابوظهبي ۾ هڪ قومي هيروز جي يادگار جو دورو ڪيو، يو اي اي جي قومي هيروز پاران ڏنل قربانين تي ڪين خراج تحسين پيش ڪيو

ڪراچي: سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان وزير داخلہ برگيڊيئر (ر) حارث نواز ملاقات ڪندي

اسلام آباد (رپورٽ ايان مهر) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ گذيل عرب امارات جو دورو مڪمل ڪرڻ کانپوءِ اڄ اڳاري تي ٽن ڏينهن جي دوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڊپٽي ڪمشنر ڏڪڻ جي آفيس پاران غير قانوني پرڏيهين جي حوالي سان تفصيل جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڏڪڻ جي آفيس پاران پهرين کان 27 نومبر 2023 تائين غير قانوني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

خان چيو بشريٰ سان نڪاح ٿيو تہ وزيراعظم بڻجي ويندس: عون ۽ مفتي

اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ بشريٰ بي بي جي خلاف غير شرعي نڪاح ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

پي ٽي آءِ چيئرمين سان سٺا لاڳاپا هئا ۽ پي ٽي آءِ جي ڪور ڪميٽي جو ميمبر بہ هئس : مفتي سعيد

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي خلاف غير شرعي نڪاح ڪيس ۾ مفتي سعيد ۽ عون چوڌري پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيو آهي. سلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

گورنر سنڌ ايڪسپو سينٽر ۾ 17 هين بلڊ ايشيا 2023ع جو افتتاح ڪري ڇڏيو

تعميراتي صنعت ۾ لکين ماڻهن جو روزگار لاڳاپيل آهي، تعميراتي شعبي کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ قدم کڻيا پيا وڃن: ڪامران ٽيسوري

شهر قائد ۾ گهٽ قيمت تي رهائشي يونٽس جي تعمير جي سخت ضرورت آهي ، متحده عرب امارات مان سنجيده سيڙپڪاري اينڊي

100 ملين ڊالرن تائين سيڙپڪاري ٿيندي، سعودي عرب، قطر ۽ ڪويت مان بہ سيڙپڪاري اينڊي

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري ايڪسپو سينٽر ۾ 17 هين بلڊ ايشيا 2023ع جو افتتاح ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ايڪسپو سينٽر ۾ 17 هين بلڊ ايشيا 2023ع جو افتتاح ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي چين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پاڪستان رهائش جي اعتبار سان سڀ کان سستو ملڪ قرار

ڪراچي (م د) ورلڊ آف اسٽيٽسٽڪس رهائش جي اعتبار سان پاڪستان کي سڀ کان سستو ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ارشاد رانجهاڻي ڪيس، ڏرين کان 3 هفتن ۾ جواب طلب

ارشاد رانجهاڻي جي پاءُ پاران قتل ڪيس ۾ جوابدار رحيم شاهہ کي ٻڌايل سزا ۽ فيصلي خلاف اپيلون داخل ڪيون ويون

سنڌ هاءِ ڪورٽ ارشاد رانجهاڻي قتل ڪيس جي جوابدارن جي اپيل تي ڏرين کان 3 هفتن ۾ جواب طلب ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ سرعام قتل ڪيل نوجوان ارشاد رانجهاڻي جي ورثن دهشتگردي توڙ عدالت جي فيصلي کي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو آهي. ارشاد رانجهاڻي جي پاءُ پاران قتل ڪيس ۾ جوابدار رحيم شاهہ کي ٻڌايل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي ۾ قرجي ڪوشش، هڪ قورو مارجي ويو، ٻيو زخمي

نارٿ ناظم آباد شپونرز ڪاليج پرسان مبينا ڏاڙن جي ڪوشش دوران هڪ مبينا ڏاڙيل مارجي ويو

زخمي جوابدار کي گرفتار ڪري اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، چورن کي ڏسي گهر ۾ ويٺل ماڻهن شور مچايو : پوليس

مبينا ڏاڙيلن شور مچائڻ تي گهر جي مالڪ تي فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ قورو مارجي ويو ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي نارٿ ناظم آباد شپونرز ڪاليج پرسان مبينا ڏاڙن جي ڪوشش دوران هڪ مبينا ڏاڙيل مارجي ويو ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو پوليس موجب زخمي جوابدار کي گرفتار ڪري اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، چورن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سکر: سنڌ مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي تحريڪ کي 56 ڏينهن ٿي ويا

جماعت اسلامي جي امير سراج الحق جماعتي پروگرام ۾ احتجاجي بينر آڏو ڏسي حڪومت کان ذميواري پوري ڪندي نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪري چڏي

پريس ڪلب اڳيان پرڀا ڪماري رهائي ڪميٽي طرفان معصوم نيائي پرڀا ڪماري، علي اصغر منڱريو، علي حسن ميمڻ سميت ٻين جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري

اسان جي احتجاج کي 56 ڏينهن مڪمل ٿي چڪا آهن پر سنڌ حڪومت اغوا ٿي ويلن جي بازيابي لاءِ ڪي به اپاءَ نه ورتا آهن، سمورن مغوين کي بازياب ڪرايو وڃي : اڳواڻ

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)سنڌ مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي تحريڪ کي 56 ڏينهن ٿي ويا پر حڪومت ۽ انساني حقن واري تنظيمن نوٽيس نه ورتو آهي، جماعت اسلامي جي امير سراج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر : سنڌ مان اغوا ٿي ويل مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

جهڏو پوليس جون ڪارروايون، 24 سئو ليٽر شراب، سفينا گٽڪو هٿ، 2 جوابدار

جهڏو(سنڌيار)جهڏو پوليس جون ڪارروايون، 24 سئو ليٽر شراب، سفينا گٽڪو هٿ، 2 جوابدار گرفتار هڪ فرار 3 جڻن مٿان 2 ڪيس داخل. ايس ايچ او جهڏو مقصود چنا سبزي منڊي وٽ وسيم ڪوسو جي شراب جي ٻني تي ڇاپو هڻي 2400 ليٽر ديسي شراب برآمد ڪري ورتو جڏهن ته جوابدار وسيم ڪوسو فرار ٿي ويو ۽ پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

27 ڊسمبر تي آرٽس ڪائونسل راولپنڊي ۾ ايوارڊ تقريب منعقد ٿيندي : رائيٽرز فورم

ادبي علمي مذهبي سماجي ۽ فلاحي شخصيتن کي سندن علمي ۽ ادبي ۽ سماجي خدمتن عيوض ايوارڊ ڏنا ويندا

هن پيري سموري ملڪ جي ٻولين جي ليکڪن ۽ فلاحي سرگرمين تي فورم پاران ايوارڊ ۽ انعام ڏنا ويندا

نوشهروفيروز(ڊ ر)انٽرنيشنل رائيٽرز فورم پاڪستان جي بانيءَ چيئرمين شهزاد افق،سرپرست اعليٰ نويد ملڪ، صوبائي اڳواڻ خالد منير خان، رخسانه افضل، اعجاز ممتائي، ڊاڪٽر خالد اسرار، فخرالدين سرحدي ۽ ٻين پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته هر سال جيان هن سال به فورم پاران 27 ڊسمبر اربع ڏينهن آرٽس ڪائونسل راولپنڊي ۾ ايوارڊ تقريب منعقد ٿيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

جماعت اسلامي هر مشڪل گهڙي ۾ سنڌ جي عوام جي خدمت ڪئي آهي : محمد حسين محنتي

ظلم، ناانصافي کان نجات، سنڌ جي خوشحالي ۽ پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ عوام کي قابل ۽ ديانتدار قيادت جي چونڊ ڪرڻ گهرجي

ڏيڍ سال گذري وڃڻ باوجود ٻوڏ متاثرين کي ورلڊ بينڪ جي تعاون سان گهر تعمير نه ڪري ڏيڻ حڪومتي جي ناهلي ۽ ڪرپشن جو نتيجو آهي

ظلم، ناانصافي کان نجات توڙي سنڌ جي خوشحالي ۽ پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ اينڊڙ عام چونڊن ۾ قابل ۽ ديانتدار قيادت جي چونڊ ڪن

ظلم، ناانصافي کان نجات توڙي سنڌ جي خوشحالي ۽ پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ اينڊڙ عام چونڊن ۾ قابل ۽ ديانتدار قيادت جي چونڊ ڪرڻ گهرجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر: محمد حسين محنتي ۽ ٻيا تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

سينيئر ڪلارڪ اعجاز پٽو ۽ سندس ساٿي مونڪي بليڪ ميل ڪري رهيا آهن : محمود دايو

ڪراچي(رپورٽ) گلستان جوهر برائيٽ سائنس ۽ ڪمرشل ڪاليج جي جونيئر ڪلارڪ محمود دايو پاڻ مٿان ڪاليج ۾ قبضي بابت لڳايل الزامن جي حوالي سان ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته منهنجو چاٽايل ڪاليج ۾ بطور جونيئر ڪلارڪ آرير ٽيوجنهن جي جوائننگ لاءِ ڪاليج ۾ مافيا ٽيل سينيئر ڪلارڪ اعجاز پٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بدين ۾ رپاڻ ۽ سورج مکي ٻج جي بليڪ مارڪيٽنگ خلاف احتجاجي مظاهرو

جي يو آئي ف جي سڌ تي ماتلي ۾ ريلي ڪڍي اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو، سخت نعريبازي

واپارين هڪ هني قائم ڪري 3200 واري بوري 5200 کان 5500 تائين بليڪ تي وڪرو ڪئي پئي وڃي : مظاهرين

افسوس جو اهڙي صورتحال ۾ هتان جي مقامي انتظاميه خاموشي اختيار ڪندي اهڙن واپارين تي ڪابه ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ضلع ۾ رپاڻ ۽ سورج مکي ٻج جي بليڪ مارڪيٽنگ خلاف جي يو آئي ف جي سڌ تي ماتلي ۾ ريلي ڪڍي اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو تفصيل موجب ماتلي جي پاڻ جي واپارين طرفان پاڻ جي هٿرادو ڪوٽ ۽ بليڪ تي وڪرو خلاف ماتلي تعلقي جي آبادگارن جي وڏي انگ پاران JUI ماتلي جي سڌ تي آبادگارن مولانا گل حسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

خانپور : ثقافتي ڏينهن 3 ڊسمبر تي ملهائڻ جي اعلان بعد ثقافتي رنگ نڪري نروار ٿي ويا

حرا پبلڪ اسڪول ۾ پروقار ثقافتي تقريب رکي وئي، شاگردن ۽ شاگردياڻين تقريب ۾ قومي گيتن تي جهمريون

شهر جي سياسي سماجي مذهبي ۽ صحافين سيف الرحمان آرائين، مولانا عنايت الله بروهي عاصي ۽ ٻين جي شرڪت

سنڌ جي هزارين سال قديم ثقافت رکندڙ آهي جيڪا ماضي ۾ شاندار ثقافت جا وارث آهن : پرنسپال عتيق الرحمان

خانپور(عتيق ابڙو)سنڌي ميڊيا پاران ثقافتي ڏينهن 3 ڊسمبر تي ملهائڻ جي اعلان بعد ثقافتي رنگ نڪري نروار ٿي ويا . حرا پبلڪ اسڪول خانپور ۾ پروقار ثقافتي تقريب رکي وئي، ثقافت جا رنگ نڪري نروار ٿي ويا ،شاگردن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

خانپور : اسڪول ۾ ٿيل ثقافتي تقريب دوران ٻارڙيون ويڙل آهن

ڪيڊ پرسان مقتول جي ڀاءُ جي فرياد تي 6 جوابدارن خلاف ڪيس داخل، 2 گرفتار

ڪيڊ(رپورٽ) ڪيڊ پرسان گوٺ حسن خاصخيلي ۾ مامن هٿان قتل ٿيل پائٽيجو ۽ زخمي ٿيلن جو ڪيس مقتول جي ڀاءُ جي فرياد تي 6 جوابدارن خلاف ڪيس داخل 2 جڻا گرفتار گرفتار ٿيلن جي پوليس گرفتاري شو ن ڪئي ڪيس داخل ڪري جانچ شروع ڪري چڏي آهي وڏو منشي خبر موجب ڪيڊ پرسان گوٺ حسن خاصخيلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس ظلم خلاف پٽي برادري احتجاج جاري

نوجوانن نابين شخص ۽ بيواهه عورتن جي زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس ظلم خلاف احتجاج کي مهينو مڪمل ٿي ويو

سخت سردي سبب متاثر پيرسن ولي محمد پٽي بيمار ٿي بستري پيڙو ٿي ويو پر تشدد ڪندڙ جوابدارن تي ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ڪافي ڏينهن کان احتجاج باوجود سندن داد فرياد نه ٿي سگهيو آهي پوليس جوابدارن سان ملي پنهنجو جڳاڙ ڪري واپس موٽيو اچي : پٽي برادري

مانجهند(رپورٽر) مانجهند ۾زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس ظلم خلاف پٽي برادري جي احتجاج کي هڪ مهينو مڪمل متاثر پيرسن سخت بيمار انصاف نه ٿي سگهيو پوليس جڳاڙ ۾مصروف تفصيل موجب مانجهند ۾پٽي خاندان جي پيرسن شخص جي خاندان جي يتيم نوجوانن نابين شخص ۽ بيواهه عورتن جي زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس ظلم خلاف احتجاج کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

خطرناڪ وبا پوليو خلاف جهاد جاري آهي : ڊي ايچ او نوشهروفيروز

اسان جو ٽيمون گهر گهر وڃي معصوم ٻارن کي پوليو جا قطرا پياري رهيو آهن

پوري ضلعي اندر هر چوڪ بس اسٽينڊ تي پوليو جو پوائنٽون قائم ڪيون ويون آهن

اسان عوام جي خدمت لاءِ هر وقت حاضر آهيون عوام لاءِ هر وقت اسان جا دروزا کليل آهن

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ)خطرناڪ وبا پوليو خلاف جهاد جاري آهي اسان جو ٽيمون گهر گهر وڃي معصوم ٻارن کي پوليو جا قطرا پياري رهيو آهن پوري ضلعي اندر هر چوڪ بس اسٽينڊ تي پوليو جو پوائنٽون قائم ڪيون ويون آهن اهڙن خيالن جو اظهار ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسد الله ڪلهوڙو ضلع اندر پوليو جا قائم ٿيل سينٽرن ۽ پوائنٽون جي وزٽ دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز : ڊي ايچ او ڊاڪٽر اسد الله ڪلهوڙو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پوليس مال ناجائز طريقي سان ضبط ڪري ويهاري چڏيو آهي : پورهيت عبدالقيوم

جيڪب آباد(رپورٽر) ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جيڪب آباد ۾ پورهيت عبدالقيوم تاجران انجمن جي صدر احمد علي بروهي سان گڏ صحافين کي سي آئي اي پوليس جي ڏانهن ڏيندي چوڻ هو ته ڪل رات سي آئي اي پوليس هن جي ڪوٽڪا ۾ ايڊڻ ٽرڪن ته ڇاپو هڻي مال صدر ٿاڻا وٽي ويا صدر پوليس ۽ سي آئي اي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شهدادڪوٽ ۾ الهدايت ايجوڪيشنل اڪيڊمي پاران سيرت النبي ص ڪانفرنس منعقد

شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ حمد، نعت ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي سيرت تي تقريري مقابلا ڪرايا ويا

حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم کي رب پاڪ پنهي جهانن لاءِ رحمت اللعامين بڻائي موڪليو : اڳواڻ

پاڻ ڪريم ص کي دشمن به صادق ۽ امين ڪوئينداهئا پاڻ ڪريم جي ڏسيل واٽ تي عمل ڪري اسان کي دنيا ۽ آخرت سنوارڻ گهرجي

شهدادڪوٽ(ڊ ر)شهدادڪوٽ ۾الهدايت ايجوڪيشنل اڪيڊمي پاران سيرت النبي ڪانفرنس منعقد ڪري مختلف اسڪولن ۽ ڪوچنگ سينٽرن جي شاگرد ۽ شاگردياڻين ۾حمد، نعت ۽ تقريري مقابلا ڪرائي پوزيشن ڪڍندڙ ۾شيلڊون ورهايون شهدادڪوٽ ۾ الهدايت ايجوڪيشنل اڪيڊمي پاران شهر جي سويرا سائنس پبلڪ اسڪول ۾ سالياني "سيرت النبي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سنڌ جو سپوت مسٽر اي اين جي عباسي لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم عباسي صاحب به بنيادي طور انجنيئر هو، سيڪريٽري اريگيشن به رهيو

جنرل پرويز مشرف ڪالاباغ ڊيم جي ٺهڻ يا نه ٺهڻ جي لاءِ هڪ ڪميشن جوڙي هئي

ڪراچي(رپورٽ)سنڌ جو سپوت مسٽر اي اين جي عباسي اڄ اسلام آباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو، صوبي ڊيري چائو، مرحوم گل حسن عباسي جو وڏو فرزند مرحوم ڊاڪٽر تنوير عباسي، ۽ مرحوم ارشاد عباسي جو وڏو ڀاءُ هو، مرحوم عباسي صاحب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ماهر اي اين جي عباسي جي وڃوڙي تي سسئي پليجو پاران ڏک جو اظهار

اي اين جي عباسي سنڌ جي ماڻهن کي پاڻي جي ڏڪار کان بچائڻ لاءِ آواز اٿاريو : سسئي پليجو

پاڻي جي حوالي سان ٽڪنيڪل بنيادن تي عباسي صاحب اسان جي رهنمائي ڪندو هو

ٿٽو(جاويد لطيف ميمڻ)سنڌ جي پاڻي ماهر اي اين جي عباسي جي وڃوڙي تي ب ب اڳواڻ سينيٽر سسئي پليجو پاران ڏک جو اظهار سسئي پليجو جو چوڻ هو ته اي اين جي عباسي صاحب پاڻي جهڙي اهم موضوع تي تمام مهارت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٿٽو : سسئي پليجو جو اي اين جي عباسي سان حياتي دوران ورتل فوٽو

شهدادڪوٽ جي باقر آباد پاڙي جي رهواسين پاران احتجاج

پاڙي جي رهواسين جو منظور ٿيل گهٽتي جو ڪم نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو

صفائي سٿرائي ڪرائي رهواسين سان پيش ايندڙ تڪليفون ختم ڪيون وڃن : مظاهرين

شهدادڪوٽ(ڊ ر)شهدادڪوٽ جي باقر آباد پاڙي جي رهواسين جو منظور ٿيل گهٽتي جو ڪم نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ٿيڻ ڪري انجنيئر پبلڪ هيلٿ خلاف پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شڪارپور جي رستم واسي پاران پاڻ قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

مٺهنجي پاڻ شفيع محمد ڪوهارو کي ڪوڙي ڪارهن الزام ۾ بيگناهه قتل ڪيو هو : منظور ڪوهارو

معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ تحفظ ڏنو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ)شڪارپور جي رستم واسي منظور ڪوهارو جو پاڻ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو لاڳاپيل اختيارن کان انصاف جي گهر آن سلسلي ۾ شڪارپور جي علاقي رستم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر شهيد بينظير آباد پاران سول اسپتال جو دورو

ايڊيشنل ڊائريڪٽر کي اسپتال ۾ ملندڙ سهولتن بابت بريفنگ، هر شعبي جو جائزو ورتو

اسپتال جي بلڊنگ به زيون ٿيندي پئي وڃي، ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي : ڊاڪٽر سعيد احمد

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ)ايڊيشنل ڊائريڪٽر شهيد بينظير آباد ڊاڪٽر مسعود احمد خاصخيلي جو سول اسپتال نوشهرو فيروز جو اچانڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز : ايڊيشنل ڊائريڪٽر جا دوري دوران ورتل فوٽو

شڪارپور : صحافي عارف قريشي جي ماسي وفات ڪري وئي

نماز جنازه ادا ڪرڻ بعد مرحومه کي مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

يونين آف جرنلسٽس جي صدر آغا اسرار پٺاڻ ۽ ٻين اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

شڪارپور(رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور جي نوجوان صحافي ۽ شڪارپور يونين آف جرنلسٽس جي خزانچي عارف قريشي جي ماسي مختصر علالت بعد گذريل ڏهاڙي وفات ڪري وئي. جنهن جي نماز جنازه شڪارپور جي علاقي ستا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪراچي ۾ سينيئر صحافي علي سرور جي جبري گمشدگي تي اجلاس

صحافين سان هن وقت جهڙو سلوڪ ڪيو پيو وڃي : ڪي يو جي صدر فواد محمود

معاملي جو نوٽيس وٺي سينيئر صحافي علي سرور کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي

ڪراچي(رپورٽر)ڪراچي سينئر صحافي علي سرور جي جبري گمشدگي واري معاملي تي ڪراچي يونين آف جرنلسٽ ورڪرز پاران هنگامي اجلاس ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ ورڪرز جي سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي : صحافي جي گمشدگي بابت ٿيل اجلاس جو ڏيک

سکر ۾ شڪارپور واسين پاران احتجاج، انصاف جي گهر

جوابدار منهنجي گهر ۾ داخل ٿي فريا کي اغوا ڪري ڪٽي ويو آهي : مظاهرين

جوابدار نتيجا پوڳڻ جون ڏمڪيون ڏئي رهيا آهن، انصاف ڏياريو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) شڪارپور ضلعي جي رهواسي اظهر علي ميمڻ پنهنجي پٽ علي فراز سان گڏ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي ته سندس مائٽ زاهد ميمڻ مهنجي پٽ کي توڪري ڏيارڻ لاءِ 73 هزار ريپيا ورتا هيا جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهرو فيروز ۾ ميونسپل ڪميٽي جي ملازمن پاران احتجاج

ميونسپل چيئرمين بڪ هڙتالي ڪيمپ تي پهچي ملازمن کي بڪ هڙتال ختم ڪرائي

اڪائونٽ ٽي ايم او جي نالي ٻن ڏينهن اندر ڪلي ويندر، هفتي ۾ پڳهار ڏينداسين : چيئرمين

نوشهرو فيروز(رپورٽ : اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز ۾ ٽن مهينن کان ميونسپل ڪاميٽي ملازمن پگهار نه ملڻ خلاف ملازمن جي مسلسل هفتي کان ميونسپل ڪميٽي آفيس اڳيان بڪ ڌرنا جاري رهي. اڄ ميونسپل ڪميٽي چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

صالح پٽ واسي جوڙو تحفظ لاءِ ٽڪراڻو پريس ڪلب پهچي ويو

پريمي جوڙي جان جي خطري هجڻ جو انڪشاف ڪيو، تحفظ ڏيڻ جي گهر

مائٽ اسان ٻنهي جا جاني دشمن بڻجي ويا آهن، تحفظ ڏنو وڃي : جوڙو

ٽڪراڻو(ن سنڌيار)صالح پٽ واسي جوڙو تحفظ لاءِ ٽڪراڻو پريس ڪلب پهچي ويو صالح پٽ لڳ گوٺ باجهري واري جي رهواسي 22 سالا نوجوان علي گل پٽ سامائو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽڪراڻو : پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

نوشهرو فيروز پريس ڪلب ۾ ايڪتا ڏينهن جي حوالي سان هڪ رنگا رنگي تقريب

سنڌ جي پلوڙ سگهڙن، دانشورن، اديبن ۽ فنڪارن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪري پروگرام کي چار چند لڳائي چڏيا

محفل دوران سگهڙن ڏور، بيت، ڏٽ پرولي، ڳجهارتون ٻڌائي محفل ۾ واهه واهه ڪرائي چڏي

سردي جي سوغات سرنهن جي ساڳ کان علاوه آيل مهمانن جي مهمان نوازي ڪندي سنگت کي رات جي ماني کارائي وئي

نوشهروفيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي)نوشهرو فيروز نيشنل پريس ڪلب ۾ ايڪتا ڏينهن جي حوالي سان هڪ رنگا رنگي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي پلوڙ سگهڙن، دانشورن، اديبن ۽ فنڪارن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

تنڊوڄام پيپلز هاري ڪميٽي سنڌ پاران هارين سان ٿيندڙ زيادتين خلاف احتجاج جو اعلان

حيدرآباد(رپورٽ) پيپلز هاري ڪميٽي سنڌ پاران هارين سان ٿيندڙ زيادتين خلاف سجي سنڌ ۾ پريس نموني احتجاج ڪرڻ جو اعلان ٻ پ هاري ڪميٽي سنڌ جي صدر مير محمد پنهل خان لهر ۽ ٻين مرڪزي اڳواڻن پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ ۾ هارين سان ٿيندڙ ظلم هرگز برداشت نه ڪبو سنڌ صوبو زراعت جو مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز : ثقافتي تقريب دوران اڳواڻن جا ورتل فوٽو

سکر ۾ آباد لاڪا جي رهواسي پاران احتجاج، انصاف جي گهر

زمين جو ڪاتو بدلائڻ لاءِ مان ڇهن مهينن کان چڪر ڪٽي رهيو آهيان : ابراهيم لاکو

ڪرپٽ آفيسرن خلاف نوٽيس وٺي سنڌن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

سکر(بيورو رپورٽ)آباد لاڪا جي رهواسي جو رونيو ڪاتو جي عملدارن خلاف احتجاجي مظاهرو اعلا اختيارين کان شفاف جاچ جو مطالبو: تفصيل موجب سکر جي آباد لاڪا جي رهواسي محمد ابراهيم لاکي جو رونيو عملدارن خلاف نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته نيو تعلقو سکر جي اسسٽنٽ ڪمشنر مختيارڪار آفيس ۾ منهنجي ٿيه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ميرپور ماٿيلو ۾ برين، برائون فيوزن فيسٽيول سائنس ڪارنيوال بابت تقريب

تقريب ۾ چيئرمين سونا ويلفيئر سوسائٽي برگيڊيئر محمد سليم چيما، ڪرنل شڪيل چنا، سيڪريٽري سونا ويلفيئر ڪرنل عرفان گل، ڪرنل شجاعت منهاس ۽ ٻين جي شرڪت

تعليمي سهولتن لاءِ هر قسم جون سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن ۽ هن وقت به تعليم کي عام ڪرڻ جي سلسلي ۾ پنج سئو جي لڳ ڀڳ شاگردن کي ڦري تعليم ڏني پئي وڃي : اڳواڻ

شاگردن ۽ شاگردياڻين جي ذهني صلاحيتون ڏسي دل خوش ٿي وئي آهي شاگردن کي اڳ وڌيڪ محنت ڪرڻ گهرجي جيئن هو پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهن

گهوٽڪي(رپورٽ لاجند موتواڻي)ميرپور ماٿيلو سونا پبلڪ اسڪول اينڊ ڪاليج جي انتظاميا پاران برين، برائون فيوزن فيسٽيول سائنس ڪارنيوال جي حوالي سان شايان شان بهترين تقريب منعقد. تقريب ۾ چيئرمين سونا ويلفيئر سوسائٽي برگيڊيئر محمد سليم چيما ، ڪرنل شڪيل چنا ، سيڪريٽري سونا ويلفيئر ڪرنل عرفان گل، ڪرنل شجاعت منهاس ، پرنسپل سونا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز پرسان نايا ب نسل جي انڊس ڊولفن انڊي پلهڻ ڪي ڪامورن دفن ڪري چڏيو

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) گذريل ڏينهن نايا ب نسل جي انڊس ڊولفن انڊي پلهڻ جيڪا سنڌو درياءَ مان پڪي مليائي ويجهو سهڙا شاخ ۾ اچي وئي هئي، جنهن کي جهنگلي جيوت ڪاٽي پاران نوشهروفيروز جي ايڊيشنل سيشن جج IIجي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، جتي سيشن جج علي حيدر ابڙو جي عدالت نايا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ميرپور ماٿيلو : سيمينار دوران اڳواڻن جا ورتل فوٽو

دڙو جي اسڪول مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيو، احتجاج جاري

گذريل ڏينهن پيل برسات ڪانپوءِ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ون ۾ برساتي پاڻي بيهجي ويو

اسڪول جي هڪ بلاڪ ۾ برساتي پاڻي بيندل هجڻ ڪري شاگردن کي اڄ وڃ ۾ سخت ڏکيائيون پيش

نيڪال جو نظام صحيح نه هجڻ ڪري روڊ رستن جو پاڻي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿي رهيو آهي : مظاهرين

دڙو(رپورٽر) دڙو جي مين پرائمري اسڪول مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف شاگردن جو احتجاج، تدريسي عمل سخت متاثر. تفصيل موجب دڙو ۾ گذريل ڏينهن پيل برسات کان پوءِ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ون ۾ برساتي پاڻي بيهجي ويو آهي. اسڪول جي هڪ بلاڪ ۾ برساتي پاڻي بيندل هجڻ ڪري شاگردن کي اڄ وڃ ۾ سخت ڏکيائيون پيش اچڻ لڳيون. جنهن سبب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو غلام علي پوليس پاران مبينا ڪنيي گم ڪيل نوجوان کي ظاهر نه ڪرڻ خلاف احتجاج جاري

ڳوٺ پانڌي جتوئي جي جتوئي برادري جي درجنين ماڻهن عبداللطيف جتوئي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پوليس ڳوٺ حاجي غني آرائين جي بااثر شخصيت جي چوڻ تي انور جتوئي کي ڪنيي گم ڪري چڏيو آهي : مظاهرين

اسان کي خدشو آهي پوليس ڪوڙي مقابلي ۾ ڪيس ماري نه چڏيو هجي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

بدين(رپورٽر) ڳوٺ پانڌي جتوئي مان 5 ڏينهن اڳ ٽنڊو غلام علي پوليس پاران مبينا ڪنيي گم ڪيل انور جتوئي کي ظاهر نه ڪرڻ خلاف جتوئي برادري جي درجنين ماڻهن عبداللطيف جتوئي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر ۾ 35 گهنٽا پلاٽ تي قبضي وارو معاملو، سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس داخل هجڻ باوجود پلاٽ تي تعميراتي ڪم جاري

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ 35 گهنٽا پلاٽ تي قبضي وارو معاملو، سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس داخل هجڻ باوجود پلاٽ تي تعميراتي ڪم جاري. متاثرين جو ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاج. خبرموجب نشون سکر تعلقي جي ديهه آباد جاگير نيو پرائو سکر ۾ پلاٽ نمبر 80/6 جي مالڪي واري معاملي تي سپريم ڪورٽ آف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين : جتوئي برادري جا ماڻهو نوجوان کي ڪنيي گم ڪرڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر جي شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا مڪ قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا

ايف آئي آر ۾ نامزد ڪيل اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ صحافين جو احتجاج جاري، سخت نعريبازي

107 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس کي اصل قاتلن جي گرفتاري ۾ ڪاميابي نه ملي سگهي آهي : مظاهرين

جيستائين جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي احتجاج جاري رهندو

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)سکر جي شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا مڪ قاتل 107 ڏينهن ٿي وڃڻ باوجود قانون جي پڪڙ کان ٻچيل ايف آئي آر ۾ نامزد ڪيل اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ صحافين جو احتجاج جاري، هر صورت ۾ قاتل گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي سکر يونين آف جرنلسٽ جي سڌ تي شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ملير ۾ فلسطينن تي اسرائيلي جارحيت خلاف ريلي، سخت نعريبازي

انجنيئر دربان علي سرگاٽي، انجنيئر عمران سرگاٽي، بدرالدين سرگاٽي، حاجي منير سرگاٽي، فياض اتيرو ۽ ٻين جي شرڪت

فلسطين مٿان ظلم، بربريت ۾ ڏينهن ڏينهن اضافو ٿيندو پيو وڃي، قتل عام جي جيتري مذمت ۽ افسوس ڪجي گهٽ آهي : اڳواڻ

پاڻ کي امن جو عالمي ٺيڪيدار سڏرائيندڙ آمريڪا ۽ اقوم متحد مسلمانن جي قتل عام جا خاموش تماشائي بڻيل آهن

ملير(رپورٽر)ملير جي علاقي گهڪهر ۾ سول سوسائٽي ۽ آل سرگاٽي ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران اسرائيل جي فلسطين مٿان جارحيت خلاف ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو، عالمي دهشتگردي نامنظور، اسرائيلي جارحيت مرده باد جا نعرا، فلسطيني مسلمانن جي قتل عام خلاف اقوم متحد ۽ عالمي عدالتن کي نوٽيس وٺڻ گهرجي، دربان علي سرگاٽي .تفصيل موجب گذريل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرجٿهار فورم پاران جاري احتجاج کي 309 ڏينهن مڪمل

دادو(رپورٽر) دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرجٿهار فورم پاران مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ کي 308 ڏينهن مڪمل. تحريڪ 9 مهينا 14 ڏينهن جاري ۽ فورم پاران وڃن ڪيو ويو ته اسان جي جدوجهد جي نتيجي ۾ ڪاميابي ملي آهي ۽ وڏيڪ ريليوز اختيارين پاران لاڙڪاڻي، دادو، ڪوٽڙي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ملير : فلسطينن تي اسرائيلي جارحيت خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ پيپلز هاري ڪميٽي پاران پاڻن جو بليڪ تي وڪرو ٿيڻ واري عمل خلاف احتجاج جاري

ڪٽڪ جو ٻج ۽ زرعي ۽ هٿرادو مهانگائي خلاف ڊي سي آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شهر ۾ ڪٽڪ جو ٻيجارو ۽ زرعي پاڻ سرڪاري اڳهن تي وڪرو نه پيا ڪيا وڃن ڪير پڇڻ وارو ناهي : مظاهرين

هٿرادو مهانگائي جو سخت نوٽيس ورتو وڃي ۽ سرڪاري اڳهن تي آبادگارن ۽ هارين کي زرعي پاڻ ۽ ڪٽڪ جو ٻج مهيا ڪيو وڃي

دادو(رپورٽر) دادو ۾ پيپلز هاري ڪاميٽي جي ضلعي صدر عبدالمطلب پنهور جي اڳواڻي ۾

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 29 نومبر 2023ع

ڪارونجهر کي عالمي ورثو قرار ڏيارڻ لاءِ تحرڪ ونو!

ٿر فطرت جو اوپن ميوزيم آهي، جتي ٻيا عجائب ته ٺهيو، رڳو ڏونگر ڪارونجهر جو لقاءُ ڏسجي ٿو ته ڏندين آگريون اڇيو وڃن ته هي حيرت انگيز جبل رڳو پهڻن جو ڍڳ ڪونهي پر ايڪو سسٽم جو محافظ پڻ آهي، جهنگلي جيوت جي پناهه گاهه آهي، نايابِ خطري هيٺ آيل جانورن ۽ پکي پکڙ جو فطري مسڪن آهي پر اهو جبل هن وقت فطرت دشمن قدمن جي خطري هيٺ آهي. ڪارونجهر کي ڪوري ان مان گرينائيٽ ڪڍڻ جو عمل گهڻي وقت کان جاري آهي ۽ حڪومت هن وقت به ڪارونجهر جي پڇ- پور لاءِ ليزون ڏيڻ چاهي ٿي پر سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن حڪمرانن جي في الحال رستي روڪ ڪئي آهي ۽ ان عدالتي فيصلي خلاف سنڌ حڪومت سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪري چڏي آهي ۽ اها پنهنجي حق ۾ فيصلو وٺڻ جي هوڙ تي قائم آهي. سنڌ جي نگران حڪومت جو بنيادي ڪم اليڪشن ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪرڻ آهي پر اها پنهنجي مينڊيٽ جي لتاڙ ڪندي اهڙا ڪم پڻ ڪرڻ گهري ٿي، جن جو ان کي اختيار ئي حاصل ڪونهي. نه نگران حڪومت کي اتي جي عوام جي مرضي جو احترام آهي ۽ نه ئي وري آرڪيالاجي ۽ ماحوليات تي ڪم ڪندڙ ادارن جي رپورٽن جي پرواهه آهي. جيڪي لڳاتار ڪارونجهر جبل جي جيئڊان، اتي جي جيوت، نباتات ۽ ايڪو سسٽم جي تحفظ جي گهر ڪندا رهن ٿا. اهڙي ئي تازي رپورٽ ماحوليات لاءِ ڪم ڪندڙ عالمي اداري آءِ يو سي اين طرفان پڻ جاري ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ڪارونجهر کي دنيا مان ختم ٿيندڙ جانورن ۽ پکين لاءِ محفوظ پناهه گاهه قرار ڏيندي جبل ۽ جيوت جي حفاظت جي گهر ڪئي وئي آهي. ماهرن پاران ڪارونجهر کي نيشنل پارڪ ۽ فطري ورثو قرار ڏيڻ جي گهر ڪندي چيو ويو آهي ته ٽرپارڪر ۾ حياتياتي ٽڪاٽا گهٽجي رهيا آهن. عالمي اداري جي ان رپورٽ ۾ نايابِ جانورن ۽ پکين جي تحفظ لاءِ اپاءُ وٺڻ تي زور ڀريو ويو آهي.

ڪارونجهر جبل جنگلي جيوت جي لاءِ فطري پناهه گاهه آهي. اتي آرڪيالاجيڪل سائيٽس آهن، مقدس هنڌ آهن، ان سان هڪ سڄي ساري تاريخ سلهاڙيل آهي. ڪارونجهر انگريزن سان سنڌ جي مزاحمت جو جيئرو جاڳندو شاهد آهي. هن جبل کي مقامي لوڪ ديوتا جو درجو ڏين ٿا ۽ ان سان سندن جذباتي وابستگي آهي. صرف ايترو ئي نه پر هو ٿرجي ايڪو سسٽم جو محافظ پڻ آهي، ڪئين برساتي نديون ۽ نئيون ڪٽي هي جبل اچايل ٿر جي اج اجهائي ۽ ماحوليات کي بچائي ٿو. هتي ته اڳ ۾ ئي جبل کي ٽوڙڻ لاءِ ٽيندڙ بلاسٽنگ فطري ماحول کي تباهه ڪري چڏيو آهي. حڪومت اتان معدنيات ڪڍڻ لاءِ ليزون ڏيڻ چاهي ٿي ۽ ناٿو ڪمائڻ چاهي ٿي پر آخر اهو سڀ ڪجهه فطري ماحول، نايابِ جهنگلي جيوت ۽ نباتات جي تباهيءَ قيمت تي چو ٿو ڪيو وڃي؟ گذريل مهيني سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حيدرآباد سرڪٽ بينچ ڪارونجهر جبل کي محفوظ تاريخي ورثو قرار ڏيندي مائننگ کي غيرقانوني قرار ڏيئي چڏيو هو ۽ ڪارونجهر جبل جي ڪنهن به حصي جي ڪوٽائي کان روڪيندي وائلڊ لائف ڪاتي کي اتي جانورن ۽ پکين جي تحفظ لاءِ قدم کڻڻ جو حڪم ڏنو هو پر سنڌ حڪومت جو اهو ماحول دشمن ۽ فطرت دشمن رويو چئجي جو اها هر صورت ۾ ڪارونجهر ڪوري ناٿو ڪمائڻ جي ضد تي بيٺل آهي. هاڻي ته ماحوليات بابت عالمي ادارا ۽ ماهر به ڪارونجهر کي نيشنل پارڪ ۽ فطري ورثو قرار ڏيڻ جي گهر ڪري رهيا آهن پر حڪومت پلٽي هٽڻ لاءِ تيار ناهي.

اسان پنهنجي اها گهر ورجايون ٿا ته ڪارونجهر کي عالمي ورثو قرار ڏيارڻ لاءِ تحرڪ ورتو وڃي. سنڌ جي نگران حڪومت پنهنجي اختيارن جي اوراڱهه ڪندي ڪنهن به اهڙي تڪرار ۾ نه پوي، جن فيصلن جو ان کي مينڊيٽ ئي حاصل ناهي. ناٿي ڪمائڻ کان وڌيڪ اهم ايڪو سسٽم کي بچائڻ، جهنگلي جيوت جي ختم ٿيندڙ نسلن جي تحفظ ۽ نباتات کي بچائڻ آهي.

بلاول جي دبئي ياترا ۽ سوشل ميڊيا تي چڙيل بحث..!؟

شاهد علي راڄپر

خيبر پختونخواهه جي دوري بعد پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۾ اختلافن جون خبرون سوشل ميڊيا سميت اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ پرنٽ ميڊيا ۾ سرفهرست آهن جڏهن ته خيبرپختونخواهه ۾ پ پ پ جيئرمين بلاول پٽو زرداري پاران جلسي جي خطاب ۾ اهي الفاظ واضح چيل آهن ته بزرگن کي گهرجي ته نوجوان قيادت کي موقعا ڏنا وڃن جيئن ملڪ معاملا حل ٿي سگهن ڏٺو وڃين ته اڳوڻو صدر پ پ پ جيئرمين آصف علي زرداري پاڪستاني سياست جي هڪ قدآور شخصيت آهي جنهن جا تقريبن يارهن سال جيل ۾ بيگناه گذريا هئا پر اها به هڪ حقيقت آهي ته مرڪز ۾ پنج سال ۽ سنڌ ۾ لڳاتار پندرهن سال پ پ پ جي بادشاهي رهي آهي ان حساب سان ڏٺو وڃين ته اڳوڻو صدر جيل ۾ ته يارهن سال گذاريا پر اقتدار پندرهن سال سنڀاليو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته اڳوڻي حڪومت پ پ پ جي هجي پر جيڪڏهن مرڪز ۾ مضبوط حڪومت پ پ پ جي نه ٺهي سگهي ته سنڌ ۾ ته ضرور ٺهندي پر سنڌ ۾ مضبوط حڪومت تڏهن ٿي ٺهي سگهي ٿي جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي پاران نوان چهرا ميدان ۾ لاٿا ويندا ۽ تقريبن ضرورت ان ڳالهه جي به آهي ته پ پ پ قيادت کي گهرجي ته هن پيري تڪيتون سيد سڳورن سان گڏ ٻين کي به ڏنيون وڃن چاڪاڻ ته سيد سڳورن کان سواءِ ٻين برادرين جي اڳواڻن کي تڪيتون نه ملڻ سبب ٻي خلق خدا ۾ به احساس محروميءَ سان گڏ نفرت جي باهه پڙڪي ٿي ۽ پ پ پ پرپور ڪاميابي گهرجي ته قيادت کي ان طرف توجه ڏيڻ جي پڻ ضرورت آهي ته سنڌ اندر رهندڙ سوين برادريون آهن جن جا سردار پڻ پ پ پ کان پاسيرا آهن سنڌ ۾ پيري مريدي ته ووٽ ملندو هئو پر هاڻي اهو وقت گذري چڪو آهي جڏهن مرشد ابا بابا ڪري ۽ قيامت جا خوف ڏئي اٻوجه طبقي کي يرغمال بڻائي ويٺا هئا ۽ ووٽ وني گم ٿي ويندا هئا ۽ وٽن ملڻ جو تاثيم به هوندو آهي پر هي تاثيم ماضي کان گهٽو مختلف آهي ان لاءِ هن وقت جيڪا سنڌ اندر سوچ هلي رهي آهي هر ماڻهون چاهي ٿو ته صوبائي ايوان سميت ايوان پاڪستان ۾ اسان جي راج جو ڪو ماڻهون هجي ته جيئن اسان فخر سان چئي سگهون ته اسان جو آواز ايوان بالا تائين پهچي سگهي ٿو حالانڪ آهن اهي خيالي پلاءُ پر پوءِ به تقريبن عوامي راءِ جا اهي ئي ويچار آهن.

ن ليگ سربراه نواز شريف جي ڏيه ورڻ کان پوءِ پاڪستاني سياست جو وايو منڊل ئي تبديل ٿي ويو آهي ۽ جيڪڏهن سنڌ جا سردار ۽ ايجيوڪيڊٽ نوجوان ميان نوازشريف پاڻ ڏي ڪري ويو ته سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي کي ٿف تاثيم ملي سگهي ٿو ان پاڪستان پيپلز پارٽي کي 2024ع جي اليڪشن ۾ ٻيهڻ کان پيهرين مضبوط حڪمت عملي جوڙڻي پوندي چاڪاڻ ته سنڌ اندر پنهنجو اثررسوخ رکندڙ ڏرين ووٽ ن ليگ طرفان شموليت جون دعوتون ملي رهيون آهن ۽ جڏهن دعوتن کي موت ملڻ شروع ٿي وڃي ته پ پ پ کي چونڊن ۾ شديد مشڪلاتن مان گذرڻو پوندو چاڪاڻ ته گذريل پندرهن سالن ۾ سنڌ جي عوام کي ڪوبه رلف ناهي ملي سگهيو سڀا روڊ رستا نه ملي سگهيا. صحت ڪاتي پاران پندرهن ئي سال دوائن جي ڪوٽ ۽ اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن جي غيرحاضري رهي. طاقتور ڏرين 2021ع جي برساتن دوران پنهنجن فصلن کي بچائڻ لاءِ هيوي جهٽا ۽ موٽر هٽائي پاڻيءَ جو منهن غريب آبادين طرف ڪري چڏيو جڏهن ته اگر اهو برساتي پاڻي فصلن مان ڪڍيو وڃين هان اهو برساتي پاڻي زمين جذب ڪري وڃين هونئن به وڏڙا چوندا آهن ته "برساتي ۽ ڊهي جو پاڻي آ سڪي ويندو ان ٻچوائي مطابق سڪي وڃين هان مگر هنن ٻاڻرن پنهنجا فصل بچائڻ بهتر سمجهيا ۽ غريبن کي برساتي پاڻي ۾ لوڙهائي چڏيو.

جڏهن ته ان کان وڌيڪ ڪيس ته اهو ڪيو ويو جو پاڻ ته هٽ وٺي عوام کي ٻوڙايائون ۽ سنڌ سرڪار پاران مليل فنڊ ته گم ڪري چڏيا پر عالمي ادارن تنظيمن سميت ٻين ملڪن کان مليل امداد پڻ ڪاغذن ڪاروائي ۾ مٽي ڏيکاري ڳڙڪائي ويا ۽ عوام کي اهائي امداد ۽ مدد ملي سگهي جن تنظيمن وڏيرن ۽ سياستدانن بجائي پنهنجن ماڻهن هتا تقسيم ڪئي صرف اهائي امداد عوام تائين رسي سگهي باقي ڪل پيران دا خير" ٿي ويو.

سوچڻ جي هي ڳالهه به آهي ته بلاول پٽو زرداري ڪافي حد تائين سٺو سوچي رهيو آهي ۽ وڏن کان به اهائي ڊيمانڊ ڪري رهيو آهي ته ڪيس پارٽي متعلق پاڻ فيصلا ڪرڻ ڏنا وڃن ۽ موجوده حالتن ۾ صدر آصف علي زرداري کي پڻ ان طرف ڌيان ڏئي پيچيدگيءَ سان سوچڻ جي ضرورت آهي.

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري هڪ نجي چينل کي انٽرويو ڏيندي اهو مؤقف اختيار ڪيو آهي ته جيئرمين بلاول پٽو زرداري اڄان ميچوئر نه ٿيو آهي اهو چوڻ بلڪل به موجوده حالتن ۾ نفي آهي ۽ ان جملي جا بلاول پٽو زرداري جي سياست تي منفي اثر پئجي سگهن ٿا پاڪستان پيپلز پارٽي جيئرمين بلاول پٽو زرداري اوچتو دبئي روانو ٿيڻ به هڪ سوال آهي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ٽري پيز ۽ فور پيز جو فرق ٻڌايو ۽ جيو ته پيءُ پيءُ هوندو آهي ۽ پٽ پٽ هوندو آهي هڪ نجي ٽي وي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي آصف علي زرداري چيو ته پ پ پ الڪشن وڙهندي ۽ ان جي ٽڪيٽ جاري ڪرڻ جا اختيار بلاول وٽ آهن. بلال کي به جيڪا ٽڪيٽ جاري ٿيندي ان تي به صحيح منهنجي هوندي آصف علي زرداري جي انٽرويو جي ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ بلاول پٽو زرداري پنهنجي ايڪس (ٽوئيٽر) تي پنهنجي پروفائيل تبديل ڪري چڏيو ۽ نئين تصوير جيڪا پهرين پروفائيل تصوير هئي جنهن ۾ محترمه بينظير پٽو کي بلاول جي ڪلهن تي هٿ رکي مرڪندي ڏسي سگهجي ٿو ۽ چئ ته بلاول پٽو ڪنهن کي اهو پيغام ڏئي رهيو آهي ته منهنجي ماءُ مون سان گڏ آهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرين هڪ ٻئي جي آمهون سامهون اميدوار بيهارين ٿا ته ڪاميابي پاڪستان پيپلز پارٽي کي ملندي يا پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرين يا هنن اختلافن جو فائدو ڪا تين ڏر ڪٽي ويندي جڏهن ته مرڪز ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرين جو مقابلو ن ليگ، ق ليگ، پي ٽي آئي ۽ جمائت اسلامي سان آهي جڏهن ته سنڌ صوبي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرين جو مقابلو پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد پٽو، ايم ڪيو ايم پاڪستان، ايم ڪيو ايم حقيقي، جي ڊي اي، سرداري نظام، ن ليگ، ق ليگ، پي ٽي آئي ۽ جمائت اسلامي ۽ عوام جي ڏکن سان آهي جنهن لاءِ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري کي دانشمندائي صلاحيت سان فيصلا ڪرڻ گهرجن ته جيئن بلاول پٽو زرداري کي چونڊ مهم کان چونڊ نتيجن تائين مشڪلاتن کي حوصلي سان منهن ڏيڻ ۾ همت ملي پي صورت ۾ ڪٿي پندرهن سالن واري ڪارڪردگي جي رزلٽ نه سامهون اچي هاڻي ڏسجي ته بلاول پٽو زرداري ۽ اڳوڻو صدر آصف علي زرداري ٽي ۽ چار پ جو فرق ختم ڪن ٿا يا هي چونڊون پاڪستان جي تاريخ جون يادگار چونڊون ثابت ٿيندڙ ڏينهن جڏهن ته ذريعن موجب ته بلاول پٽو زرداري ڪانپوءِ اڳوڻو صدر آصف علي زرداري پڻ دبئي پهتل آهي ياد رهي ته پ پ جيئرمين بلاول پٽو زرداري خيبر پختونخواهه جو دورو مڪمل ڪرڻ بعد دبئي روانو ٿي ويو هئو

دبئي روانو ٿيڻ سوالي نشان آهي جنهن متعلق سوشل ميڊيا بحث پڻ شروع ٿي ويو آهن.

جڏهن ته آصف علي زرداري پاڪستان جي سياست جي هڪ قدآور شخصيت هوندي پنهنجي ٽي جانشين جي نالي اهي لفظ نٿا سونهن جيڪڏهن ائين ڪري چئي هان ته بلاول سياست ۾ نئون آهي ۽ سائس صلاح ۾ مصلحت بعد قدم ڪٽندو آهي ته اهو وڏيڪ بهتر ۽ ڪا به شئي آخري ناهي هوندي. جڏهن اڳوڻو صدر آصف علي زرداري نجي چئنل کي اهو به چوندي ٻڌو ويو آهي ته پارٽيون به آهن هڪ پ پ پ ۽ ٻي پ پ پ به يعني هڪ پاڪستان پيپلز پارٽي جنهن جو چيئرمين بلاول پٽو زرداري آهي ٻي جماعت پاڪستان پيپلز پارٽي پارليماني ۽ آخر زرداري صاحب ٻن پارٽين جو ذڪر آخر چوڪيو آهي

سوچڻ جي ڳالهه هيءَ به آهي ته ميڊيا جي مختلف ذريعن تي هلندڙ افواهه حقيقت تي ٻڌل ته ناهي ۽ چا پيءُ ۽ پٽ جا سياسي رستا الڳ ته نه ٿي چڪا آهن ۽ چا هن پيري 2024ع واري اليڪشن ۾ اليڪشن ڪميشن پاران جاري ٿيندڙ بيلٽ پيپر ۾ ڪٿي تير ۽ تلوار جا نشان ٻئي شامل ته نه ٿيندا؟ ۽ اهو به هڪ سوال آهي ته چا پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرين هڪ ٻئي جي آمهون سامهون مد مقابل ٿي ته نه بيهندين ؟

بهرحال آصف علي زرداري کي دانشمندي سان فيصلا ڪرڻ گهرجن ته جيئن بلاول پٽو زرداري کي چونڊ مهم کان چونڊ نتيجن تائين مشڪلاتن کي حوصلي سان منهن ڏيڻ ۾ همت ملي پي صورت ۾ ڪٿي پندرهن سالن واري ڪارڪردگي جو نتيجو نه سامهون اچي هاڻي ڏسجي ته بلاول پٽو زرداري ۽ آصف علي زرداري ٽي ۽ چار پ جو فرق ختم ڪن ٿا يا هي چونڊون پاڪستان جي تاريخ جون يادگار چونڊون ثابت ٿيندڙ ڏينهن.

پاڻوهي هيڪار، مون کان پُڇيو سَڄڻين:
اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ، چَيائون جنهن وار:
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نه لهي.

ڇا آصف زرداري ۽ بلاول پٽو ۾ حقيقي اختلاف آهن؟

شاهد علي راڄپر

خيبر پختونخواهه جي دوري بعد پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۾ اختلافن جون خبرون سوشل ميڊيا سميت اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ پرنٽ ميڊيا ۾ سرفهرست آهن جڏهن ته خيبرپختونخواهه ۾ پ پ پ جيئرمين بلاول پٽو زرداري پاران جلسي جي خطاب ۾ اهي لفظ واضح چيل آهن ته بزرگن کي گهرجي ته نوجوان قيادت کي موقعا ڏنا وڃن جيئن ملڪ جا معاملا حل ٿي سگهن ڏٺو وڃي ته اڳوڻو صدر پ پ پ جيئرمين آصف علي زرداري ملڪي سياست جي هڪ قدآور شخص آهي جنهن جا تقريبن يارهن سال جيل ۾ گذريا هئا پر اها به هڪ حقيقت آهي ته مرڪز ۾ پنج سال ۽ سنڌ ۾ لڳاتار پندرهن سال پ پ پ جي بادشاهي رهي آهي ان حساب سان ڏٺو وڃين ته اڳوڻو صدر جيل ۾ ته يارهن سال گذاريا پر اقتدار پندرهن سال سنڀاليو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته اڳوڻي حڪومت پ پ پ جي هجي پر جيڪڏهن مرڪز ۾ مضبوط حڪومت پ پ پ جي نه ٺهي سگهي ته سنڌ ۾ ته ضرور ٺهندي پر سنڌ ۾ مضبوط حڪومت تڏهن ٿي ٺهي سگهي ٿي جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي پاران نوان چهرا ميدان ۾ لاٿا ويندا.

سوچڻ جي هي ڳالهه به آهي ته بلاول پٽو زرداري ڪافي حد تائين سٺو سوچي رهيو آهي ۽ وڏن کان به اهائي گهر ڪري رهيو آهي ته ڪيس پارٽي متعلق پاڻ فيصلا ڪرڻ ڏنا وڃن ۽ موجوده حالتن ۾ صدر آصف علي زرداري کي پڻ ان طرف ڌيان ڏئي سنجيدگي سان سوچڻ جي ضرورت آهي.

پر صدر آصف علي زرداري ۽ هڪ نجي چينل کي انٽرويو ڏيندي اهو موقف اختيار ڪيو آهي ته جيئرمين بلاول پٽو زرداري اڄان ميچوئر نه ٿيو آهي اهو چوڻ درست ناهي ۽ ان جملي جا بلاول پٽو زرداري جي سياست تي منفي اثر پئجي سگهن ٿا پاڪستان پيپلز پارٽي جيئرمين بلاول پٽو زرداري اوچتو دبئي روانو ٿيڻ به هڪ سوال آهي.

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ٽري پيز ۽ فور پيز جو فرق ٻڌايو ۽ جيو ته پيءُ پيءُ هوندو آهي ۽ پٽ پٽ هوندو آهي هڪ نجي ٽي وي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي آصف علي زرداري جيو ته پ پ پ الڪشن وڙهندي ۽ ان جي ٽڪيٽ جاري ڪرڻ جا اختيار بلاول وٽ آهن. بلال کي به جيڪا ٽڪيٽ جاري ٿيندي ان تي به صحيح منهنجي هوندي آصف علي زرداري جي انٽرويو جي ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ بلاول پٽو زرداري پنهنجي ايڪس (ٽوئيٽر) تي پنهنجي پروفائيل تبديل ڪري چڏيو ۽ نئين تصوير جيڪا پهرين پروفائيل تصوير هئي جنهن ۾ محترمه بينظير پٽو کي بلاول جي ڪلهن تي هٿ رکي مرڪندي ڏسي سگهجي ٿو ۽ چئ ته بلاول پٽو ڪنهن کي اهو پيغام ڏئي رهيو آهي ته منهنجي ماءُ مون سان گڏ آهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرين هڪ ٻئي جي آمهون سامهون اميدوار بيهارين ٿا ته ڪاميابي پاڪستان پيپلز پارٽي کي ملندي يا پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرين يا هنن اختلافن جو فائدو ڪا تين ڏر ڪٽي ويندي جڏهن ته مرڪز ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرين جو مقابلو ن ليگ، ق ليگ، پي ٽي آئي ۽ جمائت اسلامي سان آهي جڏهن ته سنڌ صوبي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرين جو مقابلو پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد پٽو، ايم ڪيو ايم پاڪستان، ايم ڪيو ايم حقيقي، جي ڊي اي، سرداري نظام، ن ليگ، ق ليگ، پي ٽي آئي ۽ جمائت اسلامي ۽ عوام جي ڏکن سان آهي جنهن لاءِ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري کي دانشمندائي صلاحيت سان فيصلا ڪرڻ گهرجن ته جيئن بلاول پٽو زرداري کي چونڊ مهم کان چونڊ نتيجن تائين مشڪلاتن کي حوصلي سان منهن ڏيڻ ۾ همت ملي پي صورت ۾ ڪٿي پندرهن سالن واري ڪارڪردگي جي رزلٽ نه سامهون اچي هاڻي ڏسجي ته بلاول پٽو زرداري ۽ اڳوڻو صدر آصف علي زرداري ٽي ۽ چار پ جو فرق ختم ڪن ٿا يا هي چونڊون پاڪستان جي تاريخ جون يادگار چونڈون ثابت ٿيندیون.

هڪ پيو معاملو پڻ غور هيٺ آيو جنهن لاءِ وڏي وزير روينيو واري وزير کي تاسڪ حوالي ڪيو وڏي وزير کي پڌايو ويو ته اسان مختلف شهرن لاءِ ماسٽر پلان جي تياري تي پڻ ڪم ڪري رهيا آهيون. حيدرآباد ۾ پوليس جي ڪوٽ تي واپاريون به خدشن جو اظهار ڪيو وڏي وزير ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق ڏاريجو کي هدايت ڪئي ته هو ڪيس اضافي يا گهريل فورس لاءِ سفارشون موڪلي. هن وڏيڪ چيو ته آءِ جي پوليس ڪيس ٻڌايو هو ته 7500 پوليس اهلڪار پرتي ڪيا ويا وڃن ۽ ان سان پوليس جي ڪوٽ پوري ڪرڻ ۽ مدد ملندي. حيدرآباد پيڪيج: وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته حيدرآباد لاءِ 5 ارب رپين جي پيڪيج جو اعلان ڪيو ويو پر اڄا تائين هڪ رپيو به جاري ناهي ڪيو ويو. ڪمشنر حيدرآباد چيو ته پيڪيج جو اعلان وفاقي حڪومت ڪيو هو وڏي وزير چيو ته هو وفاقي حڪومت سان ڳالهائيندو پر هو مالي مسئلن کي به منهن ڏئي رهيا آهن. عوامي هنڌن کي اختيار ڪرڻ: وڏي وزير صنعتڪارن تي زور پريو ته هو اسڪول، پارڪ، گول چرڪن ۽ ٻين هنڌن کي اختيار ڪن ته جيئن شهر جي خوبصورتي کي واپس آڻي سگهجي جنهن ڪين گهٽو ڪجهه ڏنو آهي. واپارين جو چوڻ هو ته هو اڳ ئي شهر ۾ حصو وجهي رهيا آهن پر هاڻي ڪمشنر حيدرآباد سان گڏجي اهم هنڌن جي واهر ڪنڊاسين. مونوٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ: وڏي وزير حيدرآباد جي ٻن ڏينهن واري دوري جي شروعات مونوٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ ڪوشار جو معائنو ڪندي ڪئي ۽ اداري جي فرانڪ آوٽ ۽ اداري جي معاملن جي چاج جو حڪم ڏنو. ڪمشنر حيدرآباد جي سربراهي ۾ هڪ اعليٰ اختياري ڪميٽي اين اي جي سيٽ مختلف ادارن جي ميمبرن کان چاج ڪندي. وڏي وزير انسٽيٽيوٽ خلاف هڪ ٻي انڪوائري جو پڇ حڪم ڏنو ته ان جي آپريشن، فنڊن جي استعمال، مئيجمينٽ سسٽم ۽ خريداري ۽ منظوري جي معاملن جي چاج ڪئي وڃي. هن چيو ته انسٽيٽيوٽ جي ڪارڪردگيءَ مان مطمئن نه آهيان جنهن ڪري لڳي ٿو ته ٽيڪنيڪل ادارا ان جي انتظام هيٺ ڪم ڪرڻ ۽ هلائڻ کان قاصر آهن. مونوٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ جي دوري دوران وڏي وزير کي ٻڌايو ته اداري ۾ 115 شاگرد داخل آهن جن ۾ 35 شاگرد ڇوڪريون سال. 38 شاگرد ٻئي سال ۽ 42 شاگرد ٽئين سال داخل ٿيا آهن پر حاضري 25 سيڪڙو رهي. وڏي وزير ڏٺو ته انسٽيٽيوٽ جا ورڪشاپ ويران نظر اچي رهيا آهن ۽ محسوس ڪيو ته ڪا به فني تربيت نه ڏني ٿي وڃي. هن ڪاوڙ جو اظهار ڪندي پهرين اداري خلاف به الڳ انڪوائري جو حڪم ڏنو جنهن ۾ هڪ پهرئين انسٽيٽيوٽ خلاف به ٻي انسٽيٽيوٽ جي خلاف شامل آهي. بدين بس اسٽينڊ: وڏي وزير مڪاني ادارن واري وزير مبين جماڻي سان گڏ بدين بس اسٽينڊ جو دورو ڪيو جنهن کي لوڪل گورنمينٽ آفيسرن جي سهڪار سان لاڳاپيل خانگي ٽيڪيدارن ذريعي هلايو پيو وڃي. بس اڈي جي 10 ايڪڙ زمين آهي پر اڪثر زمين تي قبضو ڪيو ويو آهي. وڏي وزير ڪمشنر حيدرآباد کي هدايت ڪئي ته حدخليون هٽائڻ لاءِ هڪ اسڪيم تيار ڪئي وڃي ۽ هر قسم جي سهولتن سان آراسته خوبصورت بس اڈو تعمير ڪيو وڃي جنهن ۾ مرد ۽ عورت جي ويٽنگ ايريا. هڪ ڪيفيٽيريا، ٽڪ شاپس، واش روم ۽ ايندڙ ٻن مهينن اندر هڪ مناسب بس چينل سهولتون شامل آهن. منصوبي تي ڪم شروع ڪرڻ جي منظوري ڏني ويندي. بس اڈي جي زمين ايچ ڊي اي جي آهي ۽ هاڻي بس اسٽينڊ جي تعمير لاءِ ٽرانسپورٽ ڪاتي حوالي ڪئي ويندي.

بقايا 05 ***

۾ اوگرا طرفان حڪومت کي اماثيل سمري ۾ پاڪستان ۾ به پيٽروليم شين سستين ٿيڻ جو امڪان آهي. جنهن جي تحت پيٽرول جي قيمت ۾ 7 روپيه في ليٽر ۽ ڊيزل جي قيمت ۾ 6 روپيه في ليٽر لاٿ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف آئل مارڪيٽنگ ايسوسيئيشن هفتيوار پيٽروليم شين جون قيمتون مقرر ڪرڻ جي سمري کي رد ڪري چڏيو ان حوالي سان آئل مارڪيٽنگ ايسوسيئيشن جي چيئرمين ۽ آئل مارڪيٽنگ ايسوسيئيشن جي صدر وزير علي وزارت پيٽروليم ۽ چيئرمين اوگرا کي خط لکي چڏيو آهي.

بقايا 06 ***

بلاول پاشا جي آڇگهات جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته محمد بلاول پاشا ڪيترن ئي ڏينهن کان ذهني دٻاءُ جو شڪار هو پوليس موجب بلاول پاشا جو رٿر رت لاش سندس ڳهران مليو جتي هن پاڻ کي گولي هنئين هن جي لاش کي ضروري ڪاروائي لاءِ ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال منتقل ڪيو ويو. پي پي او ٻنوں اسماعيل خان جو چوڻ هو ته بلاول پاشا جي موت جو پاڻ هر رخ کان جائزو رٿو واقعو آڇگهات آهي جاچ موجب بلاول پاشا جي بدلي ٻنوں کان راولپنڊي ٽي وئي هئي. ميڊيا رپورٽس موجب پوليس ان حوالي سان جاچ شروع ڪري چڏي آهي جنهن ۾ پتو لڳايو ويندو ته بلاول پاشا جو موت آڇگهات آهي يا ان جو قتل ڪيو ويو. رپورٽس ۾ ٻڌايو ويو ته بلاول پاشا جي مٿي تي گولي لڳي جو زخم هو.

بقايا 07 ***

اعتماد سان اليڪشن ڪٽيندو. هن چيو ته پاڪستان کي مسئلن مان ڪڍڻ لاءِ ن ليگ جي ڪاميابي ضروري آهي ڊپٽي شهباز شريف جو چوڻ آهي ته عوام مسلم ليگ ن کي به پاڳي تي اڪثريت ڏئي دهشتگرديءَ جهڙي مهانگائي جي ڪمر ٽوڙي چڏيندو.

بقايا 08 ***

ڊيٽا ۽ ڪمپيوٽر رڪارڊ هٽ ڪري رٽنو وڪيل عامر سعيد موجب قانوني ٽيم ايف بي آر کي عدالتي حڪم ڏيڪاري جو مطاليب ڪيو هو عامر سعيد دعويٰ ڪئي ته مٺجسٽريٽ وٽ ڪورٽ آرڊر جو آفيسل آرڊر موجود ناهي. ايف بي آر ٽيم جي آفيسر کين جواب ڏنو ته جيڪڏهن اوهان کي لڳي ٿو ته اهو آرڊر جعلي آهي ته اوهان اسان خلاف قانوني ڪاروائي ڪري سگهو ٿا.

بقايا 09 ***

۽ ڊالرز خان جمع ڪرائي هئي جنهن کي متفقه طور تي منظور ڪيو ويو پي پاسي ميمبرن متفقه طور تي سينيٽر اعظم نذير تارڙ کي سينيٽ جي توانائي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو چيئرمين چونڊيو. ان ڪانسواءِ اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ايڊيشنل سيڪريٽري سينيٽ حفيظ الله شيخ جي صدارت هيٺ پارليامينٽ هاؤس ۾ ٿيو جنهن ۾ اعظم نذير تارڙ، سيف الله ابڙو، سيف الله خان نيازي، حاجي هدايت الله، منظور ڪاڪڙ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 10 ***

واڌ سان ڪرايه 60 هزار 730 تي ٿي. بازار ۾ اڄ 77 ڪروڙ 96 لک شيئرز جا سودا ٿيا. جن جي ماليت 26 ارب رپين کان وڌيڪ رهي. مارڪيٽ ڪيپٽلائزيشن مسلسل ٻئي ڏينهن 98 ارب رپيا وڌي 8 هزار 746 ارب رپيا آهي.

بقايا 11 ***

پارٽي چونڊن ۾ چيئرمين شپ جو اميدوار نه هوندو. ڏريعن جو چوڻ آهي ته توشه خانه ڪيس ۾ سزا ملڻ سبب انٽرا پارٽي اليڪشن ۾ چيئرمين لاءِ نشن اميدوار هوندو ۽ انٽرا پارٽي اليڪشن ۾ ٻيو ميمبر چيئرمين طور چونڊيو ويندو. ڏريعن جو چوڻ آهي ته بي پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين ۽ تنظيمي عهدن لاءِ چونڊون ڪنديون. چيئرمين پي ٽي آءِ پارٽي جي تنظيمي معاملن ۽ فيصلن جي پاڻ منظوري ڏيندو. پارٽي ڏريعن جو چوڻ آهي ته عمران خان سزا ختم ٿيڻ ڪانپوءِ چيئرمين طور انٽرا پارٽي چونڊن ۾ حصو وٺندو. جڏهن ته نئين چيئرمين جي نالي جو فيصلو عمران خان پاڻ ڪندو. ان علاوه پارٽي ۾ نئين شموليت ۽ ٽڪيٽن بابت سمورا فيصلا چيئرمين پي ٽي آءِ ڪندو. عمران خان جي وڪيل ۽ پارٽي جي سينيئر نائب صدر شيرفضل مرزت چيئرمين پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته چيئرمين پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن ۾ حصو نه وٺندو.

بقايا 12 ***

ٽي ڪويت روانو پهچي ويو آهي. ريڊيو پاڪستان موجب وزيراعظم ڪويت جي ولي عهد شيخ مشعل الجابر الصباح ۽ ڪويت جي وزيراعظم شيخ احمد نواف الاحمد الصباح سان ملاقات ڪندو. ر

بقايا | سنڌيار | 01

پروگرام کي چار چند لڳائي ڇڏيا. ان موقعي تي صوفي راڳي اعجاز علي خاصخيلي پنهنجي سرن جي ورڪا ڪري پوري محفل کي جهومائي ڇڏيو. ان ڪان علاوه سگهوڻ ڏور، بيت، ڏڻ پرولي، ڳجهارتون پڌائي محفل ۾واه واه ڪرائي ڇڏي. بعد ۾ سائين مولا بخش مشوري پاران پوري سردي جي سوغات سرنهن جي ساڳ ڪان علاوه آيل مهمانن جي مهمان نوازي ڪندي سنگٽ کي رات جي ماني ڪرائي وئي، آخر ۾ آيل مهمانن جا نيشنل پريس ڪلب جي صدر ايم ظفر ٺڳر ۽ آل پاڪستان صحافت ڪائونسل سنڌ جي چيئرمين مين مولابخش مشوري ۽ ٻين صحافين ٿورا مڃندي چيو ته اسان سڀني مهمانن کي جس ٿا ڏيون جو پنهنجو قيمتي وقت اسان لاءِ ڪڍي اسان جي پروگرام ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 02

هجڻ جي باوجود نگران حڪومت پاران مڪمل طور نظرانداز ڪيو پيو وڃي جنهن جي مذمت ڪجي ٿي پيپلز هاري ڪميٽي جي اڳواڻن چيو آهي ته� پي اي پي پاڻ سرڪاري اڳ 7 هزار 8 سو هجڻ باوجود 14 هزار 8 سو ۽ بليڪ تي وڪرو ٿي رهيو آهي جڏهن ته اينگرو يوريا 2100 سو جي بجايي 5 هزار رپيا وڪرو ڪيو پيو وڃي جڏهن ته زرعي دوايون جا اڳ ۾ آسمان تي آهن هن چيو آهي ته سنڌ جو غريب هاري کي هن وقت ڏکيائين پيش آڻي رهيو آهن هارين کي ملندڙ سبسڊي ۾ رولاڻ جو شڪار آهي اڳواڻن چيو ته هٿ وٺي سنڌ جي هارين کي تباهه ڪيو پيو وڃي ڇوڪر ٻ ب هاري ڪميٽي هرگز برداشت نه ڪندي هارين سان ڪيندڙ ظلم جي ذميوار سنڌ جي نگران حڪومت آهي پيپلز هاري ڪميٽي جي صوبائي صدر ۽ ٻين اڳواڻن سنڌ حڪومت کان مطاليو ڪندي چيو آهي ته فوري طور تي پاڻ ٻچ زرعي دوايون جو بليڪ تي ڪيندڙ وڪري جو نوٽس وٺي هارين جا مسئلا هنگامي بنيادن تي حل ڪيا وڃن ٿا ڇو ته هاري ڪميٽي پاران هارين جي حقن جي لاءِ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا | سنڌيار | 03

رڪنڊڙ هوءِ هن پريوار انداز ۾ سنڌ جي پائي جو ڪيس وڙهيو عباسي صاحب ڪالا باغ ڊيم خلاف ٽيڪنيڪل ۽ برجستا دليل ڏئي مشرف جهڙي ڊڪٽيٽر کي به پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪيو سنڌ گنريل ڪيترن ئي سالن کان پاڻي جي ڪوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي، اي اين جي عباسي سنڌ جي ماڻهن کي پاڻي جي ڏڪار کان بچائڻ لاءِ سدائين آواز اٿاريو پاڻي جي حوالي سان ٽيڪنيڪل بنيادن تي عباسي صاحب اسان جي رهنمائي ڪندو هو ۽ سندس ٽيڪنيڪل دليلن تي ٻڌل ڪيس اسان سينيٽ تائين وڙهندا هئاسين اي اين جي عباسي جي لاڏاڻي تي سندس پوٽيئرن سان ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهيان

بقايا | سنڌيار | 04

به بنيادي طور انجنيئر هو. سيڪريٽري اريگيشن به رهيو. ڪيئرٽيڪر زماني ۾اريگيشن جو وزير به رهيو. جنرل پرويز مشرف ڪالا باغ ڊيم جي ٺهڻ جا نه ٺهڻ جي لاءِ هڪ ڪميشن جوڙي هئي جنهن ۾ ٻين صوبن جا نمائندا به هئا. پنجاب جي نمائندن ڪالا باغ ڊيم جي حق ۾ لکيو. پر عباسي صاحب سڀني ڳالهين کي نظر ۾ رکندي آبادي، جا اڻڪ اڪر ٻڌائيندي ۽ پاڻي، جي موجود هجڻ جا ذريعا ٻڌائيندي مفصل رپورٽ لکي جنهن ۾ هن ڪالا باغ ڊيم ٺهڻ جي سخت مخالفت ڪئي. جيڪا ڳالهه جنرل پرويز مشرف کي ڪونه وڻي ۽ ان بعد عباسي صاحب جي رپورٽ به منظور ڪونه ڪيائين ۽ عباسي صاحب ڪان به پاسيرو ٿي ويو

بقايا | سنڌيار | 05

خالد ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو هڪ ٻي ڪاروائي ۾ پوليس سامارو روڊ تي جوابدار ارسلان ڪنيار کي 70 پڙيون سفينا ڪنڪو سميت گرفتار ڪري ورتو آهي رابطو ڪرڻ تي ايس ايچ او جهڏو مقصود چنا ڌڻيءَ ته گرفتار ٿيل جوابدارن مٿان جهڏو ڦاٽي تي 2 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن اسان جهڏو سيزي منڊي وٽ شراب جي بلي تي ڇاپو هنيو جتي رڦي مقدار ۾ شراب جا درم زمين اندر پوريل هئا جنن کي ڪڍي لاءِ ايڪسيويٽر مشين گهرائي درم باهر ڪڍيا آهن هن چيو ته ايس ايس پي ميرپورخاص جون سخت هدايتون آهن جهڏو شهر کي منشيات کان پاڪ ڪرڻو آهي شهر اندر ڪنهن به قسم جي منشيات هلڻ نه ڏيندا سين منشيات متعلق شهري اسان کي جاڻ ڏين پوليس برقت ڪارروائي ڪندي منشيات فروش ڪيترا به ٻاثر چرهجن آنهن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 06

الحق جماعتي پروگرام ۾ احتجاجي بينر آڏو ڏسي سنڌن جدوجهد کي ڏسندي حڪومت کان پنهنجي ذميواري پوري ڪندي نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪري ڇڏي. ڊاڪٽر نذير ڪرڪر جي اڳواڻي ۾ راڻيپور کان احتجاجي مارچ بعد سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري پريا ڪماري رهائي ڪميٽي ظرفان معصوم نيائي پريا ڪماري، علي اصغر منگريو، علي حسن ميمڻ سميت سنڌ مان اغوا ٿيل سمورن مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج کي 56 ڏينهن به رات، ڏينهن وارو احتجاجي سلسلو جاري رکي مغوين جي بازيابي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي . احتجاجي ڪئمپ تي سول سوسائٽي سان تعلق رکندڙ فردن سعيد اعوان، نبيل انصاري، آصف ميمڻ، عمير احمد، فرحان شاهه، علي گوهر ماڪو، سميع ميمڻ ۽ ٻين يڪجهتي جو اظهار ڪندي اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته مغوين کي بازياب ڪرايو وڃي احتجاج ۾ شامل مخدوم بلاول، محمد اعظم منگريو جاويد سولنگي زاهد منگريو ۽ ٻين جو چوڻ هو اسان جي احتجاج کي 56 ڏينهن مڪمل ٿي چڪا آهن پر سنڌ حڪومت اغوا ٿي ويلن جي بازيابي لاءِ ڪي به اپاءَ نه ورتا آهن بدامني وڌن ڪري عوام پاڻ کي غير محفوظ سمجهي رهيو آهي مخدوم بلاول چيو ته اسان راڻيپور کان مغوين جي بازيابي لاءِ مسلسل ڏينهن رات واري جدوجهد شروع ڪئي جنهن کي 84 ڏينهن مڪمل ٿيا آهن اسان جي احتجاج کي لاڳيتو نظر انداز ڪيو ويو آهي اسان جو هڪ ٻي مطاليو آهي ته سکر جي علاقتي سنگرار ۾ ٻاثر سردار پاران قيدي بٽايل معصوم نيائي پريا ڪماري، شڪارپور جي ٻاثر منگريو ذات جي فردن خاص طور پي ڊي ايس پي شڪارپور خالد منگريو جي قيد مان اصغر منگريو سميت مغوين جي بازيابي لاءِ تڪڙا قدم کڻي وارڻن جي بي چيني ختم ڪئي وڃي ٻي پاسي احتجاج ڪندڙن جماعت اسلامي جي امير سراج الحق آڏو پروگرام ۾احتجاجي بينر آڏو ڪيو جنهن حڪومت کان مطاليو ڪيو ته هو پنهنجي ذميواري پوري ڪري سنڌ مان اغوا ڪيل مغوين کي بازياب ڪرايو وڃي

بقايا | سنڌيار | 07

مون کان پتو گهريو جنهن کان انڪار ڪرڻ تي هن ۽ سندس ساٿين جونيئر ڪلاڪ احسان مگسي ليب اٽينڊنٽ پير ڏنو منهنجي گهر جي ويڊيو ڦاهي مون مٿان ڪاليج اندر قبضي جو الزام لڳايو آهي جڏهن ته سينئر ڪلاڪ اعجاز پٽو ۽ سندس ساٿي مونکي بليڪ ميل ڪري رهيا آهن سندس چوڻ هو ته هن پنهنجي بالا آفيسرن جي اجازت سان ڪاليج ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي ڪو به قبضو ناهي ڪيو رڳو منهنجي هتي آرڊر ٿيڻ تي سينئر ڪلاڪ اعجاز پٽو تنگ ڪرڻ شروع ڪيو آهي هن چيو ته سينئر ڪلاڪ اعجاز پٽو جونيئر ڪلاڪ احسان مگسي ۽ ليب اٽينڊنٽ پير ڏنو ڪريل حرڪت ڪندي چادر ۽ چٽو ديواري جو تقدس پئمال ڪندي منهنجي گهر جي چت تان گهر جو ريڊيو ڦاهي آهو سوشل ميڊيا تي رکي مون کي بدنام ڪيو آهي جڏهن ته هن منهنجي زال کي چيو ته تنهنجي مڙس جو هاڻ پروموشن ٿيو آهي اسان کي تي کان چارلڪ پتو ڏيو ته اوهان کي گهر کان ٻي گهر ڪري ڇڏيندا سون هن وڌيڪ چيو ته سينئر ڪلاڪ اعجاز پٽو ڪاليج ۾ مافيا بڻيل آهي جنهن ڪاليج جي سموري ماحول کي خراب ڪري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته اعجاز پٽو جو ماضي، وارو رڪارڊ جانچ ڪيو وڃي ته سموري صورتحال واضح ٿي ويندي جونيئر ڪلاڪ محمود دايو ڊائريڪٽر ڪاليجز ڪراچي سميت ٻين لاڳاپيل اعلي اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته معاملي جي جاچ ڪري پتا مافيا اعجاز پٽو خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 08

جنهن ۾ ادبي علمي مذهبي سماجي ۽ فلاحي شخصيتن کي سندن علمي ۽ ادبي ۽ سماجي خدمتن عيوض ايوارڊ ڏنا ويندا. اڳوڻن چيو ته گذريل سال نه صرف پاڪستان بلڪ عالمي سطح تي اها قلم سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن کي يادگار شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا هئا پر هن پيري ان کان به وڌيڪ عظيم الشان پروگرام منعقد ٿيندو جنهن ۾ سوري ملڪ جي پوليس جي ليڪڪن ۽ فلاحي سرگرمين تي فورم پاران ايوارڊ ۽ انعام ڏنا ويندا.

بقايا | سنڌيار | 09

واعدو پورو نه ڪرڻ ٻ ب حڪومت جي نااهلي ۽ ڪرپشن جو نتيجو آهي، جماعت اسلامي هر مشڪل گهڙي ۾ سنڌ جي عوام جي خدمت ڪئي آهي، اهڙن خيالن جو اظهار هن خيرپور جي ڳوٺ رينواز ۾ برڊ متاثرين ۾ گهرن جي تعمير ۽ ڇاپيون حوالي ڪرڻ واري ميڙاڪي کي خطاب ڪندي ڪيو. صوبائي امير وڏيڪ چيو ته گذريل 15 سالن کان سنڌ ۾ لاڳيتو حڪومت دوران ڦرلٽ ڪرڻ ڪان پوءِ آزمايل پرتار، وڏيرا ۽ سرمائيدار هڪ پيرو ٻيهر عوام کي سبز ٻاغ ڏيکاري ووٽ گهري رهيا آهن عوام بار بار آزمايل ماڻهن کي مسترد ۽ مخلص توڙي ديانتدار قيادت جي چونڊ ڪري ته جيئن سنڌ خوشحال ۽ سندن مسئلا حل ٿي سگهن.

بقايا | سنڌيار | 10

گهنڊ زمين جو ڪاتو بدلائڻ لاءِ گذريل ڇهن مهينن کان چڪر ڪٽي رهيو آهيان. پر اتان جا آفيسر، مختيارڪار شوڪت چوهاڻ، تيمبدار عبدالحفيظ لاشاري، رٽائرڊ تيمبدار نظر محمد، فهيم شيخ سميت سموريا آفيسر ڪاتو پنهنجي نالي ڪرائڻ جي وڏي رشوت گهري رهيا آهن انڪار ڪرڻ تي ڪڏهن ڪاغذ پورا نه هجڻ ته ڪڏهن ڪهڙا بهانا ڪري واپس ٽا ڪري ڇڏين مظاهرو ڪندڙ چيو ته ڪيتري ئي عرصي کان سوسائٽيون ۽ زرعي زمين جا ٻاثر ماڻهن کي غريب ماڻهن ۽ بيواهه عورتن جي پلاٽن جا ڪاٽا ناهي فراڊ ڪري رهيا آهن جنهن جي شڪايت اينٽي ڪرپشن نيب ۽ ايف آئي اي آفيس ۾ ڏني آهي. پر ڪرپشن روڪڻ عملدار ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ناهن ان بااختيار ادارن کان پرزور مطاليو ڪيو ته فوري طور تي ڪرپٽ آفيسرن خلاف نوٽيس وٺي سندن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 11

پبلڪ اسڪول ابراهيم لانڪرام ، ٻي آر او ايف ايف سي امان الله شر ۽ احمد علي سومرو سميت ضلعي ڳهرتڪي جي 4 مختلف اسڪولن جي شاگردن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري ذهني صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو . چيئرمين سونا ويلفيئر سوسائٽي برگيڊيئر محمد سليم چيما پاران ڪتيندڙ شاگردن ۾ انعام تقسيم . تفصيل موجب، ايف ايف سي انتظاميا جي زير انتظام هلندڙ گهوٽڪي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر شهر ميرپور ماٿيلو ۾سڀي ساڪ رکندڙ تعليمي اداري سونا پبلڪ اسڪول ايندڙ ڪاليج جي انتظاميا پاران برين برائون فيوزن فيسٽيول سائنس ڪارنيوال جي حوالي سان بهترين تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾چيئرمين سونا ويلفيئر سوسائٽي برگيڊيئر محمد سليم چيما ڪرنل شڪيل چنا سيڪريٽري سونا ويلفيئر ڪرنل عرفان گل ڪرنل شجاعت منهاس . پرنسپل سونا پبلڪ اسڪول ايندڙ ڪاليج ابراهيم لانڪرام پي آر او آف ايف سي امان الله شر ۽ احمد علي سومرو سميت ضلعي گهوٽڪي جي 4 مختلف اسڪولن جي شاگردن جي وڏي انگ شرڪت. ڪئي جن ۾ IBA اوهاوڙو يونيورسٽي آف Kids گهوٽڪي، A&Montessori System ۽ Mari ۽ ماڊل اسڪول جا شاگرد شامل هئا. ان موقعي تي 100 کان وڌيڪ شاگردن پنهنجي سائنسي ۽ ذهني صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو جنهن ۾ IBA، ٻئي نمبر تي جڏهن ته بارن جي يونيورسٽي چيمپيئن رهي تقريب ۾ سونا ويلفيئر سوسائٽي جي چيئرمين برگيڊيئر محمد سليم چيما جو خطاب ڪندي چوڻ هو ته سونا پبلڪ اسڪول ايندڙ ڪاليج جي شاگردن کي تعليمي سهولتن لاءِ هر قسم جون سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن ۽ هن وقت به تعليم کي عام ڪرڻ جي سلسلي ۾ پنج سؤ جي لڳ ڀڳ شاگردن کي فري تعليم ڏني پئي وڃي تقريب کي خطاب ڪندي چيئرمين سونا ويلفيئر سوسائٽي برگيڊيئر محمد سليم چيما اعلان ڪيو ته ايندڙ تعليمي سال ۾ گهوٽڪي ضلعي جي ٻين اسڪولن جي شاگردن کي دعوتون ڏنيون ويندڙيون ۽ اسڪولن جي رجسٽريشن ڪئي ويندي ان سلسلي ۾ چيرمين سونا ويلفيئر سوسائٽي برگيڊيئر محمد سليم چيما ڪتيندڙ شاگردن ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن ۾ انعام ورهايا ۽ انهن جي تعليمي قابليت ۽ سونا پبلڪ اسڪول ايندڙ ڪاليج جي انتظاميا استادن ۽ شاگردن جي ڪارڪن کي ساراهيندي چيو ته شاگردن ۽ شاگردنيون جي ذهني صلاحيتون ڏسي دل خوش ٿي وئي آهي شاگردن کي اجا وڌيڪ محنت ڪرڻ گهرجي جيئن هو مستقبل ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪري پنهنجي ملڪ پاڪستان ۽ پاڪستاني قوم جي خدمت ڪري پاڪستان جو تعليمي حوالي سان سموري دنيا ۾ تالو روشن ڪن. ياد رهي ته سونا پبلڪ اسڪول پاران منعقد ڪرايل ان قسم جو شاندار فيسٽيول جي هي پهرين شايان شان تقريب هئي جنهن ۾ اسڪولي شاگردن پنهنجي ذهني صلاحيت جي حوالي سان منعقد ڪرايل پروگرام ۾ شاگردن جي صلاحيت ڏسي تقريب ۾شامل معززين جو داد حاصل ڪيو. جڏهن ته ان موقعي تي تقريب ۾شامل معززين پڻ خطاب ڪندي چيئرمين سونا ويلفيئر سوسائٽي برگيڊيئر محمد سليم چيما جي ڪاوش جي ساراهه ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 12

نسل جي ڊولفن انڊي پلهڻ کي دفنائڻ جو حڪم ڏنو. جنهن کي واڪلڊ لائيف ڪاٽي جي ٽيم گيم انسپيڪٽر غلام مرتضيٰ خشڪ جي نگراني ۾انڊس ڊولفن کي دفن ڪري ڇڏيو آهي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن مليائي ريجهو مليل انڊس ڊولفن کي مقامي رهواسين بيدردي سان ڏنبا هٿي ماري ڇڏيو هو جنهن جو ڪيس 4 جنن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو هو.

بقايا | سنڌيار | 13

اڳيان ۽ ڪوٽو موٽر چوڪ تي الڳ الڳ احتجاجي مظاهره ڪري ڏرڻا هٿي تعريبازي ڪئي، باقر آباد پاڙي جي رهواسين فرزند چانڊيو، بابر ڪجڻ، باسط وڏو، عمير چانڊيو عامر مغيري، رستم منگي ۽ ٻين جي اڳواڻي پريس ڪلب اڳيان ۽ ڪوٽرموٽر چوڪ تي الڳ الڳ مظاهره ڪري ڏرڻا هٿي پبلڪ هيلٿ انتظاميه خلاف تعريبازي ڪئي، مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان پر باقر آباد جون گهٽيون سروي ڪري منظور ڪري ٽينڊر ٽيئ باوجود ظاهري ڪم ناهي ڪيو ويو هنن الزام هڻندي چيو ته ڪاغذي ڪارروائي ۾ پاڙي جي گهٽين جا ڪم مڪمل ڏيکاريا ويا آهن پر سائيٽ تي ڪم به ڪم نه ٿيو آهي ۽ ڪم جي نالي تي انجنيئر پبلڪ هيلٿ ۽ ٽيڪيدار ڪروڙين روپيا ڪيرائي هڙپ ڪري ڇڏيا آهن. هنن چيو ته ميونسپل ڪاميٽي پاران به ڪوئي صفائي ستراڻي وارو ڪم نه ٿي رهيو آهي جنهن لاءِ اسان نگران حڪومت سنڌ ۽ ڊپٽي ڪمشنر قمبر شهدادڪوٽ سجاد حيدر قادري کان مطالبو ٿا ڪيون ته باقر آباد پاڙي جون گهٽيون نهرايون وڃن ۽ صفائي ستراڻي ڪرائي رهواسين سان ٻيهر اينڊز ٽڪليفون ختم ڪيون وڃن. مظاهرين مطاليا منظور نه ٿيڻ جي صورت ۾ انجنيئر پبلڪ ۽ ٽيڪيدارن خلاف عدالت ۾ وڃڻ جو پڻ چتاءُ ڏنو آهي.

بقايا | سنڌيار | 14

جي رهواسي منظور احمد کوهارو پنهنجي پاءُ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته منهنجي پاءُ شفيع محمد کوهارو کي ڪوڙي ڪارهن الزام ۾ بيگناهه قتل ڪيو هو واقعي کي 35 سال گذري ويا آهن پر ڪيس داخل ٿيڻ ۽ اڄ سنڌ جي نوٽيس وٺڻ باوجود پوليس قاتلن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي. قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهيان پر هن وقت تائين انصاف نه ملي سگهيو آهي، جوابدارن شڪايتون ۽ ڪيس واپس وٺڻ لاءِ سنگين نتيجا پوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، متاثرشخص اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي انصاف جي گهر ڪئي آهي ۽ مطاليو ڪيو آهي ته جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 15

تفصيلي دورو ڪيو. ان موقعي تي سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو AMS ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي DMS بدرالدين ابڙو سائنس گڏ هئا جن ايڊيشنل ڊائريڪٽر کي اسپتال ۾ ملندڙ سهولتن بابت بريفنگ ڏني جنهن ڪانپو هر شعبي ۾ وڃي ان جو جائزو ورتو جنهن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته اسپتال ۾ صفائي ستراڻي ۽ اسٽاف جي حاضريءَ سان گڏ ڪجهه اهڙا شعبن ۾ اهڙا به ڪم ٿي رهيا آهن جيڪي وڏين اسپتالن ۾ به نه ٿا ٿين آنهن ۾ اکين جو شعبو، تي بي جو شعبو، ملياريا جو سيڪشن ۽ بلڊ بئنڪ ۽ ٽيوبيڪلوسس انڊر بهترين ڪم ڏسڻ ۾ آيو. اهي سڀ ڪم سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي ذاتي دلچسپي سان ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن اهو سلسلو جاري رهيو ته اسپتال ترقي ڪندي. سنڌ سرڪار کي اسپتال جي ترقي لاءِ لڪندا سين چوته هن وقت اسپتال جي بلڊنگ به زبون ٿيندي پئي وڃي جنهن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي

بقايا | سنڌيار | 16

زنشور، مير عبدالرحمان، صديق زنشور، خان محمد قل، مرتضي ٽالپر الهجايو زنشور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي ماٽلي جي اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس آڏو ڏرڻ هٿي احتجاج ڪيو ويو آهي ڏرڻي دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي آبادگارن جو چوڻ هو ته جيتوڻيڪ سنڌ ۾ زرعي پاڻ جي ڪوٽ ناهي پر ان جي باوجود پاڻ جي واپارين هڪ هٿي قائم ڪري 3200 واري بوري 5200 کان 5500 تائين بليڪ تي وڪرو ڪئي پئي وڃي جيڪو هتان جي مقامي آبادگارن سان رڌو ظلم آهي، آبادگارن جو وڌيڪ چوڻ هو ته هن وقت ڪٽڪ جي پوڪائي ٿي رهي آهي ۽ ڪجهه علاقن ۾ پوڪجي وٺي آهي ان ڪري واپاري اهو سمجهن ٿا ته آبادگار ڪٽڪ جي فصل کي پاڻ هر صورت ۾ ڏيندا ان ڪري هو بليڪ ميلنگ تي لهي آيا آهن ۽ هنن پاڻ جا هٿرادو ريت قائم ڪري ڇڏيا آهن هنن چيو ته اڪثر پاڻ جي واپارين مختلف بهراڙي توڙي شهر جي علاقن ۾ پاڻ زخيرو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو پنهنجن ايجنٽن وسيلي به پاڻ بليڪ تي وڪرو ڪري رهيا آهن افسوس جو اهڙي صورتحال ۾هتان جي مقامي انتظاميه خاموشي اختيار ڪندي اهڙن واپارين تي ڪابه ڪارواڻي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، اڳواڻن جو چوڻ هو ته جيڪڏهن مقامي انتظاميه پاڻ جي هٿرادو ڪوٽ ۽ سرڪاري اڳهه تي وڪري جو پابند نا ڪيو ته پهرين ڊسمبر ڪانپو، سڄي تعلقي جي آبادگارن سان گڏ وڏو احتجاج ۽ ڏرڻو هيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 17

شاگردائين تقريب ۾ قومي گيتن تي جهمريون هٿي واهه واهه ڪري خوب داد وصول ڪيو. تفصيل موجب سنڌي ميڊيا پاران ثقافتي ڏينهن 3 ڊسمبر تي ملهائڻ جي اعلان بعد ثقافتي رنگ نکري نروار ٿي ويا آهن سنڌي ميڊيا جي مان ۾حرا ٻيلڪ اسڪول خانپور ۾ پرنسپال عتيق الرحمان پاران هڪ پروقار ثقافتي تقريب رکي وئي جنهن ۾ شهر جي سياسي سماجي مذهبي ۽ صحافين سيف الرحمان آرائين مولانا عنايت الله بروهي عاصي. ڊاڪٽر علي ڪاميٽي جي صدر عبدالمطلب بنهر جيو ته دادو ۾ ڪٽڪ جو پيجارو ۽ زرعي پاڻ سرڪاري اڳهن تي وڪرو نه پيا ڪيا وڃن جنهن ڪري دادو جو نئون آبادگار ۽ هاري سخت متاثر ٿيو آهي مظاهرين سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، نگران وڏي وزير، ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج دادو، ڊپٽي ڪمشنر دادو کان پرزور مطاليو ڪيو ته هٿرادو ڪيل مهانگائي جو سخت نوٽيس ورتو وڃي ۽ سرڪاري اڳهن تي آبادگارن ۽ هارين کي زرعي پاڻ ۽ ڪٽڪ جو پڄ مهيا ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 18

۾ خاصخيلي برادري جي مامن پاڻيجن ۾ لوڙهي تان ٽيل جهيڙي ۾ ڪهاڙيون لڳڻ سبب قتل ٿيل مقتول عظيم ۽ زخمي ٿيلن جو ڪيس مقتول جي پاءُ محمداسماعيل جي فرياد تي 6 جوابدارن جن ۾ ابراهيم محمد بجل رضا محمد رياض فياض ۽ نورمحمد خاصخيلي خلاف گناهه نمبر 101 قلم 302 324 337 337 fi ai 14 504 35 ppc جوابدارن مان 2 گرفتار پوليس نالا ۽ گرفتاري ظاهر نه ڪئي رابطو ڪرڻ تي ڪيڏ ڪائي جي وڏي منشي الهڃايو خاصخيلي چيو فرياد جي چوڻ موجب ڪيس داخل ڪري جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي جلد جوبدار گرفتار ڪيا ويندا جوبدارن سان ڪا ب رعيات ن ڪئي ويندي شفاف جانچ ڪئي ويندي

بقايا | سنڌيار | 19

راجا رياض پڻ آن لائين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪي يو جي صدر فواد محمود. جنرل سيڪريٽري ذيشان صديقي. سيد جاويد شاهه، نويد عباس، نعمان جدون فضل جتوئي، باغي ساگر ۽ ٻين چيو ته صحافين سان هن وقت جهوڙو سلرڪ ڪيو پيو وڃي احڙو آمرائي دور ۾ به نه ٿيو هو هنن وڌيڪ چيو ته ڪي يو جي سينيئر نائب صدر صحافي علي سرور جي گهر تي بغير ڪنهن وارنٽ جي چادر ۽ چٽو ديواري جو تقدس پئمال ڪري ڪيس اغوا ڪيو ويو آهي جنهن ڪي نامعلوم هنڌ رکيو ويو آهي جيڪو انتهائي افسوس ناڪ عمل آهي هنن گهر ڪئي ته سينيئر صحافي علي سرور کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي. ٻي صورت پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ ورڪرز پاران ملڪ گير احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 20

بازار ۾ ادا ڪئي وئي. جنهن ۾ مختلف مڪتبه فڪر جي ماڻهن شرڪت ڪئي. نماز جنازه ادا ڪرڻ بعد مرحوم کي مقامي قبرستان ۾ متيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو پئي طرف شڪارپور يونين آف جرنلسٽس جي صدر آغا اسرار پٺاڻ، جنرل سيڪريٽري عبدالسلام انڙ، زاهد نون، اياز منگي، عبدالخالق سومرو ، جميل مهر، ابراهيم بروهي، سلطان سومرو، عتيق ڏڪڙ، حڪيم جتوئي ۽ ٻين پاران صحافي عارف قريشي سان ماسي جي وفات تي تعزيت جو اظهار ڪيو ويو . جڏهن ته تعزيت جو سلسو جاري آهي.

بقايا | سنڌيار | 21

تدريسي پڻ سخت عمل متاثر ٿيڻ لڳو. اسڪول ۾ ٻيهل برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف اسڪول جي شاگردن احتجاج ڪري اسڪول مان پاڻي نيڪال ڪرڻ جو مطاليو ڪيو. ان سلسلي ۾ اسڪول جي هيڊ ماسٽر سيد سومار شاهه. عزيز ميمڻ، جمال ناصر ميمڻ ۽ ٻين جو چوڻ آهي. ته نيڪال جو نظام صحيح نه هجڻ ڪري روڊ رستن جو پاڻي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿي رهيو آهي. جنهن سبب اسڪول جا استاد ۽ شاگرد سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لڳا آهن. هنن مطاليو ڪيو ته فوري طور تي اسڪول ۾ ٻيهل برساتي پاڻي نيڪال ڪرايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 22

ڪري ڏرڻو هٿي ڏڪوڙي تنبو ۽ غلام علي ميمن روڊ تي ٽائرسازي مين روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب روڊجي ٻنهي طرفن کان درجنين مسافر گاڏين جون قطارون ٻيهجي ويون انهي موقعي ميڊيا سامهون داڻهيندي اڳواڻ عبداللطيف جتوئي ٻڌايو ته 4 ڏينهن اڳ تنبو غلام علي پوليس ڳوٺ حاجي غني آرائين جي بااثر شخصيت جي چوڻ تي انور جتوئي کي ڳوٺان سرعام کنيي گهر ڪري ڇڏيو آهي جنهن بابت پوليس ڪجهه به ٻڌائڻ کان انڪاري آهي جنهن ڪري اسان کي خدشو آهي پوليس ڪوڙي مقابلي ۾ ڪيس ماري نه ڇڏيو هجي. عبداللطيف جتوئي سميت احتجاج ڪندڙن آئي جي سنڌ پوليس ، ڊي آئي جي حيدر آباد ۽ايس ايس پي بدين کان مطاليو ڪندي گهر ڪئي ته پوليس پاران ڪنيي گم ڪيل انور جتوئي کي ظاهر ڪري سندس حياتي بچائي

بقايا | سنڌيار | 23

پاڪستان ڪراڻي رجسٽري ۾ هلندڙ ڪيس بارجود پلاٽ تي تعميراتي ڪم جاري آهي ان ڏس ۾ بيواهه فريدا خاتون زال محمد بخش لاکو ايس ايس پي آفيس سکر ٻاهران احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته منهنجي مڙس جي زمين سروي نمبر 80/6 جنهن جو 70 سالن کان پڪو ڪاتو اسان جي نالي تي آهي جوابدار پرويز لاکو، ذوالفقار لاکو، اسلم لاکو، ابراهيم لاکو، ممتاز لاکو ۽ ٻين اڳوڻي اسسٽنٽ ڪمشنر ماجد ماڪو، ڪلاڪ قربان ڊايو ۽ ٻين جي مدد سان جعلي ڪاٽي ٺهرائي زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي جعلسازي خلاف سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ڪراڻي رجسٽري ۾ پڻ پٽيشن داخل ڪئي وئي آهي عدالت ۾ ڪيس داخل هجڻ بارجود جوابدار ڏر اسان جي زمين تي تعميراتي ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو آهي. هن ٻڌايو ته سالن کان سول ڪورٽ ۾ ڪيس هلندڙ آهي. هر حاضري تي اسان ڪورٽ ۾ پيش ٿيون ٿا ڪيس جو فيصلو ناهي آيو. جوابدار ڏر بااثر هجڻ سبب سندن خلاف ڪارروائي نه پئي ڪئي وڃي. اهڙي احتجاج بعد ڪمپلين سيل ايس ايس پي آفيس جي انچارج واجد منگي پاران سائيٽ ايريا تائي جي پوليس کي فوري طور ڪارواڻي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو پر تنهن باوجود تعميراتي ڪم بند ناهي ٿي سگهيو هن رس وارن کي اپيل ڪئي ته زمين تي هلندڙ تعميراتي ڪم فوري طور تي بند ڪرائي قبضو خالي ڪرايو وڃي. پئي صورت ۾ سکر پريس ڪلب آڏو بک هڙتال شروع ڪئي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 24

ملي بهڪت سان مهنجو 350000 جو مال جي ۾ خشڪ ڪهير ڦرائي فروٽ ۽ ڪبل شامل آهن هن سان گڏ گڏ صدر پوليس منهنجو چال به ڪيو آهن صدر انجمن تاجران جو چوڻ هو ته سي آئي اي ۽ صدر پوليس هن غريب پورهيت جو مال تاجائز طريقي سان ضبط ڪري ويڪام ڪري ڇڏيو آهي جو سراسر ناجائزي آهي هن اعلي اقتدار سان نوٽس وٺت جو مطاليو ڪيو ۽ غريب پورهيت جو مال واپس وٺي ڏيت جو مطاليو ڪيو

بقايا | سنڌيار | 25

ڪيو هن چيو ته اسان جي ضلع نوشهروفيروز ۾ ڪوبه پوليو جو ڪيس ظاهر نه ٿيو آهي هن چيو ته اسان جون ٽيمون بهترين نموني پ